# ڪُوڙي دنيا

# سچا ماڻهو

ڪم چي ها (ڪوريا) بوبي سينڊس (آئرلينڊ)
پئبلو نرودا (چلي) هوچي منھ (ويٽنام)

قادر جوڻيجو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ڪوثر علي ٻٽو

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گھر
WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# مُهاڳ

اهي قومون جيڪي انقلاب جي واٽ ونديون آهن، تن جي لاءِ رڳو شاعري ۽ ڪهاڻيون سڀ ڪجھ نہ هونديون آهن. انهن جي لاءِ سياسي لکڻيون بہ ايتريون ئي اهم هونديون آهن. ماڻهن جي سياسي شعور کي وڌائڻ ۽ تيز ڪرڻ جي لاءِ اهڙين لکڻين جي سخت ضرورت هوندي آهي.جيستائين دنيا جي انقلابن، انهن انقلابن کي وجود ۾ آڻيندڙ نظرين ۽ نظرين کي گھڙيندڙ توڙي انهن کي عمل ۾ آڻيندڙن بابت ڄاڻ نہ هوندي تيستائين ماڻهو کوھ جي ڏيڏر جي مثل هوندا. دنيا جي هر نظريي هر فلسفي، هر انقلاب ۽ هر انقلابيءَ بابت ماڻهن کي چڱي طرح ڄاڻ هجڻ ضروري آهي.

قادر جوڻيجي انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي دنيا جي چئن عظيم انقلابين هوچي منھ، پئبلو نرودا، ڪم چي ها ۽ بوبي سئنڊس تي لکيو آهي. جيستائين انهن انقلابين تي لکڻ جي سلسلي ۾ چونڊ جو تعلق آهي تہ اهي چارئي هن ويجهڙي دور جا آهن. ٻي ڳالھ اها آهي تہ انقلابي هئڻ سان گڏ اهي ليکڪ بہ آهن. پئبلو نرودا دنيا جي عظيم شعرن مان هڪ آهي جنهن کي نوبل پرائز پڻ مليو. هوچي منھ بہ شاعري ڪئي آهي. ڪم چي ها جو تہ ڪردار ئي انقلابي شاعر وارو رهيو آهي. بوبي سئنڊس پنهنجي پنيان ڊائري ڇڏي ويو. قادر جوڻيجي انهن انقلابي شخصيتن جي زندگي، ڪم ۽ ڪارنامن تي لکڻ کان سواءِ سندن لکڻين مان ڪجھ ترجما نموني طور پڻ ڏنا آهن. انقلاب جي معنيٰ آهي هڪ بيڪار مردار نظام ۽ جمي ويل ڪني تيل جي صورتحال کي بدلائڻ. ان لاءِ عوام دشمن، ڌرتيءَ جي لٽيرن ۽ غاصبن سان جنگ جوٽڻي پوندي آهي. اهي ماڻهو جن جنگ جي ميدان ۾ لڙندي لکيو آهي. (جيتوڻيڪ انقلاب خود پنهنجي جاءِ تي هڪ نئين شئي جي تخليق آهي) تن جي واقفيت قادر جوڻيجي سنڌي پڙهندڙن سان ڪرائي آهي.

ويٽنام جي عظيم اڳواڻ هوچي منھ کان پڙهيل لکيل سنڌي ضرور واقف هوندا. اڄ جي دور جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هن جو نالو عزت سان ورتو وڃي ٿو. هوچي منھ جنهن جو ويٽنامي زبان ۾ معنيٰ آهي ”ساماڻيل ڏاهو“ پنهنجي زندگيءَ جي هر گهڙي ماڻهن جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ وڙهندي گذاري. هن پنهنجي وطن ويٽنام جي ماڻهن کي ڏارين


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي غلاميءَ مان آزاد ڪرڻ جي راهه ڳولڻ واسطي وسيع مطالعي لاءِ ٻاهر جو سفر اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو ٻاهرين ملڪن ۾ ساموندي جهازن تي ملاح، رستي تي ٻهاري ڏيندڙ، واڍي ۽ هوٽل ۾ بورچيءَ جا ڪم ڪيا. سفر دوران هن جيڪي مشاهدا ڪيا، ان مواد کي، هن پوءِ پنهنجي ڪتاب "فرانسيسي بينڪي راڄ جي ناڪامي" ۾ ڪم آندو. انهيءَ ڪتاب جو قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن طرفان وڏو قدر ڪيو ويو.

1945ع ۾ بغاوت لاءِ اپيل ڪندي هن چيو هو، "اسان جي عوام جي تقدير جو فيصلو ڪن وقت شروع ٿي چڪو آهي. اچو ته گڏجي اٿون ۽ پوري قوت سان پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرايون. سڄي دنيا جا مظلوم ماڻهو پنهنجي خودمختياري ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا آهن. اسين پنهنجو پاڻ کي پوئتي رهڻ نه ڏينداسين."

هوچي منهه کي ان ڳالهه جو احساس هيو ته دانشور يعني ذهني ڪم ڪندڙ انقلاب جي تعمير ۾ شاندار ڪردار ادا ڪن ٿا. هن 1956ع ۾ ويٽنام پيپلز يونيورسٽي ۾ سياسي ڪورس جي شاگردن آڏو تقرير ڪندي چيو هيو، "مکيه انقلابي قوتون مزدور ۽ هاري آهن". انهيءَ جو سبب هي آهي ته اهي سموري دولت جا خالق آهن، جيڪا سوسائٽي کي زنده رکي ٿي ۽ ڇاڪاڻ ته اهي ڳڻائيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن. اهي آباديءَ جا سڀ کان وڌيڪ ڦرجندڙ ۽ لٽجندڙ حصا آهن، ۽ ڇاڪاڻ ته انهن جو انقلابي جذبو ٻين سماجي طبقن کان وڌيڪ مضبوط ۽ سدائين قائم دائم رهي ٿو. پوءِ به انقلاب جي دانشورن (جن کي عام طور ذهني ڪم ڪندڙ ڪوٺيو ويندو آهي) جي قوت جي ضرورت پوي ٿي. جيئن عوام جي صحت کي قائم رکڻ لاءِ ڊاڪٽر ضروري آهن، تيئن عوام جي ذهني صحت لاءِ دانشور ضروري آهن". هوچي منهه ان ڳالهه تي زور ڏيندو هيو ته پورهيو ڪندڙ عوام (ذهني پورهيو ڪندڙ ۽ جسماني پورهيو ڪندڙ) کي پنهنجي ڌرتيءَ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي خاطر هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ گهرجي. ويٽنام جيڪو فرانس جي ڪالوني هيو، جتي هر ڏهن ماڻهن مان نو ماڻهو هاري هئا، ۽ اٽيڙهيل هئا جن ۾ هوچي منهه ايترو سياسي شعور پيدا ڪيو جو انهن ڪمزور ۽ نبل ماڻهن پهرين فرينچ فوجن سان وڙهي انهن کي ملڪ مان هڪالي ڪڍيو ۽ پوءِ دنيا جي هڪ سپر پاور آمريڪا سان ٽڪر ڪائي، قربانيون ڏئي نيٺ آزادي ماڻي.

پئبلو نرودا چليءَ جي ماڻهن جو محبوب شاعر هيو. هن پنهنجي زندگي ۽ شاعري چليءَ جي ماڻهن کي ارپي ڇڏي هئي. چلي، لاطيني آمريڪا جو اهو بدنصيب ملڪ جيڪو هميشه آمريڪا جي، سي- آءِ- اي جي سازشن جو شڪار رهيو آهي، اهو اڄڪلهه فوجي آمريت جي چنبن ۾ ڦاٿل آهي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”مون اهو ڪڏهن بہ ناهي سوچيو تہ منهنجي زندگي شاعري ۽ سياست ۾ ورهايل آهي.“ 3 سيپٽمبر 1960ع ۾ جڏهن چلين ڪميونسٽ پارٽيءَ پئبلو نرودا کي صدارت جي عهدي لاءِ بيهاريو هيو تہ ان موقعي تي قبوليت واري تقرير ڪندي هن چيو هيو، ”آئون هڪ چلين آهيان، جنهن کي ڪيترن سالن کان پنهنجي قومي وجود جي بدقسمتين ۽ مشڪلاتن جي خبر آهي ۽ جيڪي ماڻهن جي هر ڏک ۽ سک ۾ حصيدار رهيو آهي. آءٌ انهن جي لاءِ ڪو ڌاريو ڪونہ آهيان. آءٌ انهن منجهان آهيان، آءٌ ماڻهن جو حصو آهيان، آءٌ هڪ پورهيت ڪٽنب مان آيو آهيان. آءٌ ڪڏهن بہ اقتدار جي صاحبن سان شامل ڪونہ ٿيو آهيان. مون هميشہ محسوس ڪيو آهي تہ منهنجو ڪم ۽ منهنجو فرض منهنجي عملن ۽ منهنجي شاعري وسيلي چليءَ جي خدمت ڪرڻ آهي. آئون انهن کي ڳائڻ ۽ انهن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ زنده آهيان.“

پئبلو نرودا رڳو شاعري ڪانہ ڪئي، پر عملي طور هن چليءَ جي عوام سان گڏجي آمريڪي سامراج ۽ ان جي چاڙتن سان ٽڪر ڪاڌو. چليءَ جي کاڻين مان پيدا ٿيندڙ قومي دولت کي ڌاريا لٽيندا ڦريندا پئي رهيا هئا، ۽ چليءَ جا ماڻهو غير انساني پورهيو ڪرڻ کان پوءِ بہ اتي لٽي ۽ اجهي کان مرحوم هئا. پئبلو نرودا شروع کان وٺي شاعريءَ وسيلي توڙي عملي طرح پنهنجن ماڻهن جي سياسي ۽ معاشي آزاديءَ لاءِ وڙهندو رهيو، ۽ انهيءَ ويڙهہ ۾ هو آمريڪا وٽ وڪاميل فوجن هٿان مارجي ويو.

چليءَ جي عوام طرفان چونڊيل صدر آلندي کي سيپٽمبر 1973ع تي هڪ خونخوار فوجي بغاوت ۾ ماريو ويو هو. پيبلو نرودا کي ان واقعي سبب گهرو صدمو پهتو. واقعي جي ٽئين ڏينهن تي نرودا پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ جي ڇڙ تڪڙ ۾ پڇاڙي ڪندي لکيو هيو، ”هوائي جهازن طرفان صدارتي محل تي بمباري ڪرڻ کان هڪدم پوءِ ٽينڪون حرڪت ۾ اچي ويون، ڪيتريون ئي ٽينڪون هڪ اڪيلي ماڻهوءَ جي خلاف وڏي بهادريءَ سان وڙهيون، اهو ريپبلڪ آف چليءَ جو صدر ساليونڊر آيندي هو جيڪو شعلن ۽ دونهن ۾ گهيريل پنهنجي آفيس ۾ سندن انتظار ڪري رهيو هيو جنهن کي سواءِ پنهنجي عظيم دل جي ٻئي ڪنهن جو ساٿ ڪونہ هيو.... سندس شاندار جسم کي چليءَ جي فوجين مشين گنن سان چيري ڦاڙي پروڻ ڪري ڇڏيو. فوجين هڪ ڀيرو وري چليءَ سان غداري ڪئي هئي“.

هن ڪتاب جي ٽين شخصيت بوبي سئنڊس آهي. هن جو تعلق آئرش ريپبلڪ آرميءَ سان هو جيڪا آئرلينڊ جي قومي آزاديءَ خاطر برطانوي سامراج سان ويڙهہ کي قائم رکيو اچي. قومي آزاديءَ خاطر وڙهندڙن کي هر هنڌ ڌاڙيل ۽ دهشت پسند سڏي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. برطانوي هڪومت بوبي سئنڊس تي بہ اهڙائي ليبل هنيا. 27 سالن جي نوجوان بوبي سئنڊس کي گرفتار ڪري 14 سال سزا ڏني وئي هئي. هن مطالبو ڪيو تہ ڪيس ۽ سندن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻين ساٿين ڪي جيل ۾ سياسي قيدين جي حيثيت ڏني وڃي، ڇو ته پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڏاڙيل يا دهشت پسند نه هوندا آهن، جو انهن ڪي اخلاقي ڏوهاريءَ جو درجو ڏنو وڃي.

انهن عظيم انقلابي شخصيتن ڪي سنڌي پڙهندڙن اڳيان قادر جوڻيجي هڪ وڏو ڪم ڪيو آهي. سنڌ جي سياسي ڪارڪنن توري عام ماڻهن جي ڄاڻ ڪي وڌائڻ ۽ صحيح سياسي شعور بخشڻ جي سلسلي ۾ هھڙي قسم جي ڪتابن جي گهڻي اهميت ۽ ضرورت آهي.

**شوڪت حسين شورو**


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪم چي ها

ڏکڻ ڪوريا جو عظيم قومي شاعر ”ڪم چي ها“ تازو جيل مان آزاد ٿيو آهي. ڪيس عمر قيد جي سزا ڏني وئي هئي، ڏوهه ڪهڙو هئو؟؟ اهو ئي ساڳيو ڏوهه جنهن ڏوهه ۾ سقراط کي وهه جو وٽو پيئڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو، عيسيٰ کي صليب مٿان ٽنگيو ويو هيو، مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙيو ويو هيو. شاهه عنايت شهيد جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو هو، ۽ هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو، مسئلو اهو ئي پراڻو هو. تہ جن وٽ طاقت هئي انهن چيو تہ سچ اولهه کان اڀري، اوڀر ڏي الهي ٿو، پر جن جا هٿ خالي هئا، ۽ ذهن سجاڳ انهن چيو“ جن کي سچ اولهه کان اڀرندو نظر اچي ٿو اهي اکين هوندي انڌا آهن، اهي طاقت (بندوق جي ناليءَ) جي اکين سان ڏسن ٿا اهي ڪوڙا ۽ ڪائنر آهن“. قوم ۽ ديش سان پيار ۽ سچائيءَ جي ڏوهه ۾ ڪم چي ها عمر قيد ڪيو ويو. سچ چوڻ جي جرئت ئي سندن مهاپاپ ۽ ڏوهه هو.

ڪم چي ها_ ڏکڻ ڪوريا جي ننڍڙي پر خوبصورت ڳوٺڙي ۾ جنم ورتو. سندس جنم ڏينهن14 فيبروري 1941ع آهي.

ڪوريا جي لفظي معنيٰ آهي ”بلند، اوچو ۽ خوبصورت ۽ حسين“. ڪم چي ها، سندس شاعري ۽ تخليقون بہ سندس ديش وانگر اڏول، اونچون، بلند ۽ حسين آهن.

جيون جو سچو پچو حسن ۽ سونهن سموهيل آهي ڪم چي ها جي تخليق ۾، ڪوريا ۾ ڪم چي ها هڪ شيءِ جا بہ نالا آهن، سڏ ۽ پڙاڏي جيان هڪ ٻئي کان ڌار ناهن. ننڍي هوندي کان سندس ذهني لاڙو ادب ۽ سياست ڏانهن هو، حقيقت پسندي ساهه جيان سندس وجود ۾ پري وئي هئي، هو ماڻهن سان محبت ۽ انهن مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کان نفرت ڪندو هيو. هونءَ تہ ڪوريا جي معنيٰ ”بلند ۽ خوبصورت“ آهي پر ڪوريا جي ماڻهن جو سانحو هي آهي تہ سندن زندگيءَ جي تاريخ خود هڪ سانحو آهي، جو تہ هر غلام ۽ مظلوم قوم جيان هن جابلو ملڪ ڪوريا جي دستاويزي تاريخ ٻارهين صدي ق مسيح کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن تہ هڪ چيني عالم ”پيانانگ ۾ آبدڪارن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو اڏيو، پهرين صدي عيسويءَ ۾ اتي گوريو خاندان جي بادشاهت قائم ٿي جيڪا ست سؤ ورهين تائين حڪومت ڪندي رهي. پوءِ ”سلا“ خاندان حڪومت جو واڳون هٿ ڪيون، ان دؤر ۾ ”ٻڌ مت“ مذهب جو وڏو عروج هو. ملڪ ٿوري گهڻي ترقي بہ ڪئي. ڏهين صديءَ ۾ پيانگ نانگ جي ڪوريو خاندان، سلا


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

خاندان کي شڪست ڏئي حڪومت تي قبضو ڪيو، ۽ گوريو خاندان پنهنجي دؤ ۾ علم فن ثقافت ۽ ڪورين ساهت کي زور ونرايو ۽ ٻڌمت جي جاءِ تي ڪنفيوشس مذهب جو قبضو ٿيو. 1392ع ۾ ان ئي خاندان بادشاهت تي قبضو ڪيو، ۽ پيانگ نانگ بجاءِ سيول کي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو، ۽ 1910ع تائين هي خاندان حڪومت هلائيندو رهيو، ۽ آخرڪار جاپانين حملو ڪري ملڪ کي جاپاني بينڪيت بڻايو ويو.

جاپانين پنجٽيهه (35) سالن تائين ڪوريائي قوم کي ڦريو لٽيو ۽ تباهه ڪيو، سياسي هلچلن تي بندش وڌي وئي. ماڻهن کي قيد ڪيو ويو، انهن جي زبانن تي تالا ۽ وجودن تي زنجير مڙهيا، ايتريقدر جو هڪ حڪم ذريعي، ڪوريائي قوم کي پنهنجي قومي (اسپيني) زبان ۾ لکڻ پڙهڻ کان پڻ روڪيو ويو، انهن کي پنهنجي قوميت تبديل ڪرڻ لاءِ پڻ چيو ويو. ۽ ڪين هڪ حڪم ذريعي جاپاني بڻجڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. پر ڪوريائي قوم تي ان جو اثر ابتڙ ٿيو، ۽ هو جاپانين کان سخت نفرت ڪرڻ لڳا.

پهرين جنگ عظيم دوران روس ۾ انقلاب آيو تہ ڪوريا وارن کي جڻ نئون جنم مليو، هنن ۾ همت ۽ جذبو وڌيو جنهن جي بنياد تي هنن 1 مارچ 1919ع واري مشهور آزاديءَ واري تحريڪ هلائي، جيڪا اهنسا جي اصولن پٽاندڙ هلي، پر ان پر امن آزاديءَ واري جدوجهد کي سختيءَ سان چٿيو ۽ چڙوچڙ ڪيو ويو، هڪ سال اندر ست هزار قومپرست ماڻهن کي ڪنو ويو 25 هزار زخمي ٿيا ۽ 19 هزار قيد ڪيا ويا.

ٻي عالمگير جنگ ۾ جاپان کي شڪست ملي، ۽ ڪوريا آزاد ٿيو ئي مس تہ وري امريڪا سيول ۾ پنهنجو وڏو فوجي اڏو قائم ڪيو ۽ اتي آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ آمريڪي "سنگهمين ري" کي حڪومت سونپي وئي. پر اپريل 1960ع ۾ "سيول" جي شاگردن سنهگميري جي آمريت (ڊڪٽيٽر شپ) خلاف سڄي ملڪ ۾ جدوجهد هلائي، جيڪو ان تحريڪ کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو پر ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سنگهمين ري جي ڀاڄ کان پوءِ هڪ غير فوجي حڪومت قائم ٿي جيڪا آمريڪا جي منشا جي خلاف هئي ۽ اها آمريڪا کي پسند نہ آئي جنهن بعد چند مهينن کان پوءِ "ميجر جنرل چونگ هي پارڪ" فوجي انقلاب آڻي سول حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. جنرل پارڪ جپان جي غلاميءَ واري دور ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو، ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ پڻ جاپان جي شڪست کان پوءِ آمريڪا جي غلاميءَ کي تسليم ڪرڻ جنرل پارڪ لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي، جنرل پارڪ، سنگهمين ري جي ڪيل ظلمن ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ آندي، مخالفن کي جيل ۾ بند ڪيو، پريس تي پابندي لڳائي، ڳجهي پوليس جي ڄار کي ايترو تہ ڊگهيڙيو جو سڄو ملڪ جيل خانو بڻجي ويو، ماڻهو گهر ۾ بہ پاڻ کي قيدي محسوس ڪرڻ لڳا.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جنرل پارڪ، 1972ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪيو بهانو اهو ٻڌايو ته اتر ڪوريا حملو ڪرڻ واري آهي،جو ته اتي سوشلسٽ حڪومت هئي، 1974ع ۾ هڪ آرڊيننس ذريعي هڪ نئون قانون لاڳو ڪيائين جنهن ۾ جنرل پارڪ جي مڙهيل آئين جي خلاف ورزي ۽ مخالفت ڪرڻ واري لاءِ پندرنهن سال ۽ حڪومت جي مخالفت ڪندڙ لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي، ان آئين ۽ قانون جو مقصد جمهوري شاگردن جي نيشنل فيدريشن کي ختم ڪرڻ هو. ان قانون ۽ آئين تحت نون شاگردن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي ۽ ويهه ڄڻن کي جن ۾ هي نوجوان شاعر ڪم چي ها به شامل هو تن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي.

1970ع ۾ هن هڪ نظم پنج نڱ لکي. انهن پنجن نڱن ۾ معاشري جا ڦرلٽ ڪندڙ پنج ٽولا شامل آهن. خاص پنج ٽولا پهريون واپاري ٽولو، ٻيو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر، ٽيون وڏو سرڪاري ڪامورو، چوٿون فوجي جنرل ۽ پنجون وزير، ۽ انهن پنجن نڱن واري نظم کي پڙهندڙ ماڻهن ڏاڍو پسند ڪيو. 1974ع ۾ ”ماڻهن جي فرياد“ شايع ٿيڻ تي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. ڪم چي ها تي الزام مڙهيو ويو ته هي شاگردن جي مظاهرن ۾ شريڪ ٿيو آهي، هن کي موت جي سزا ٻڌائي ويئي، ان غلط فيصلي تي ايڏو شور متو جو جنرل پارڪ کي پنهنجو فيصلو تبديل ڪرڻو پئجي ويو ۽ سندس سزا عمر قيد ۾ بدلائي ڇڏي، ۽ ڪم چي ها هن سال آزاد ٿيو.

ڪم چي ها_ جيل قبوليو پر پنهنجي ذات جو چند سِڪن ۽ ٽڪن عيوض سودو نه ڪيو، هن پنهنجي قيدي وجود، قيدي ضمير ۽ قيدي سوچ کي ازاد رکيو. ڏکڻ ڪوريا جي فوجي جنتا هن کي لوڀ ۽ لالچ جي ڄار ۾ ڦاسائڻ جا وڏا وس ڪيا. پر ڪم چي ها عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو ته ” جيڪي شاعر، عام ماڻهن جي زبان ٻڻجي، ظالم جنتا ۽ ڄابرن جي آڏو سچ ۽ حق جو نعرو ٻڻجي گونجندا آهن. اهي شاعر ضمير جا قيدي ٻڻجي ته رهي سگهن ٿا پر ڪرسيءَ جا قيدي ٻڻجي ڪرسيءَ خاطر ضمير جو سودو نه ٿا ڪري سگهن. هو سامراج جي غلام حڪمرانن جي آزاد قيد جو قيدي ته ٻڻجي ويو پر پنهنجو مُلهه مقرر ڪرڻ نه ڏنائين“ ۽ آخرڪار فوجي جنتا مجبور ٿي تازو ڪيس آزاد ڪيو آهي.

جنهن شاعر کي موت جي سزا ڏئي ان کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو ويوهجي ان جي آزادي پنهنجي جاءِ تي سوچ طلب مسئلو آهي. شايد ان چالبازيءَ پٺيان ڏکڻ ڪوريا جي ماڻهن کان وڏي قيمت وصول ڪئي وجي. پر سمجهجي ٿو ته فوجي حڪومت اتي جي ماڻهن ۾ عوامي اڳواڻ ”ڪم وائي جنگ“ جي قتل واري منصوبي تي وڌندڙ تشويش ۽ پريشانيءَ کي گهٽائڻ چاهي ٿي. ۽ ان سبب جي ڪري ”ڪم چي ها“ کي آزاد ڪيو ويو آهي پر هن آزاد ٿيڻ کان پوءِ جيڪو انٽرويو ڏنو آهي، ائين ٿو محسوس ٿئي ته جيل ۽ قيد سندس نظريي ۽


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ويچارن ۾ پختگي ۽ پڪائي آندي آهي. سندس اهو انٽرويو ايشيائي شپون ڪانفرنس واري فيڊريشن جي انساني حقن واري شعبن جي خبر نامي ۾ ڇپيو آهي. جنهن ۾ ڪم جي ها چيو آهي ته:

”مون کي جيل مان آزاد ڪيو ويو آهي ائين ٿو محسوس ڪريان ته ڄڻ مان مردن مان جيئرن ۾ اچي ويو آهيان، منهنجو آئيندو عوام جو آئيندو آهي ۽ عوام جو مستقبل منهنجو مستقبل آهي. عوامي معاملات نجي معاملات آهن ۽ نجي معاملات عوامي معاملات آهن. اها ئي حقيقت منهنجي عقيدي جي پيڙهه آهي. جيئن پيڙهه يا بنياد ڪان سواءِ ڪا به عمارت مضبوط بڻجي نه ٿي سگهجي تيئن مٿين حقيقت ۽ سچ ڪان سواءِ منهنجو نظريو به ڪچو ۽ بي بنياد آهي.“

”اسان کي انهن سيني ڳالهين ۾ اتحاد پيدا ڪرڻو پوندو جيڪي دل تي تي گذرن ٿيون. مغربي فڪر ۽ فلسفي ۾ بيائي آهي، جنهن ڪان اسان کي بچڻو آهي.“ جيڪڏهن منهنجي وجود ۾ ڪنهن به قسم جي سچائي موجود آهي ته اها گهڻو وقت لڪي نه ٿي سگهي پر انجو اظهار منهنجي عمل ۽ رويي مان ضرور ٿيندو. ۽ منهنجي وجود مان زندگي جنم وٺندي، ها جيڪڏهن منهنجي وجود ۾ خدا موجود آهي ته پوءِ مان به خدا جي وجود ۾ ائين شامل آهيان جيئن گل ۽ ٻج! ان چوڻ جو مقصد اهو آهي ته عام ماڻهوءَ جا مسئلا ذاتي مسئلا آهن ۽ ذاتي مسئلا عام ماڻهوءَ جا مسئلا يعني اندر ۽ ٻاهر هڪ ئي حقيقت جا ٻه پهلو ۽ ٻه رخ آهن اهو ئي زندهه خدا جو تصور آهي. اندر ۾ ڪارو ڪانءُ ويهاري ٻاهر هنج جي ٻولي ٻولڻ سچ ۽ سچائيءَ جي خلاف عمل آهي.

زندگي ڇا آهي؟؟

زندگي ورهاست، اڪيلائي تنهائي، ڦرلٽ ڪوڙ، نڳي، چڙواڳي، تذليل ۽ قيد بند ڪان جدا ۽ الڳ هڪ حقيقت آهي جنهن کي چرچو مذاق يا آسان سمجهڻ نه کپي، زندگيءَ کي، اهنج ايذاءَ پهچائڻ، باطل پرستي ۽ بک ڪان پاڪ ۽ صاف هئڻ کپي، زندگيءَ کي سچ جي بنياد تي پرکڻ ۽ پروڙڻ کپي، زندگيءَ کي جديديت ۽ انقلابي عمل سان ڳنڍڻ لاءِ، ايشيا جي عظيم روايتي دانشمندي ۽ تخليقي عمل سان متحد ۽ گڏيل انداز ۾ نئين نموني طاقتور ۽ مضبوط بنائڻ کپي.“

”ان سلسلي ۾ پهريون قدم هي هئڻ کپي ته اسان پنهنجو پاڻ کي انقلابي بڻايون، پنهنجي وجود اندر سچائيءَ جو انقلاب آڻيون، معاشرو سچ آهي ۽ سچ معاشرو،پنهنجي وجود اندر انقلاب معنيٰ معاشري اندر انقلاب.“


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻيو مرحلو هي آهي تہ قوم جي سيني طبقن اندر ٻڌي ۽ ايڪو قائم ڪرڻ...... مان شاعري ڪندو رهندس چو تہ مان پنهنجن شعرن ۾ پنهنجي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان پر پنهنجي ماڻهن جي ڳالهہ ٿو ڪريان، پنهنجي ڌرتيءَ وارن جا ڏک درد ۽ پيڙائون ٿو پويان، پنهنجي شعرن کي عام ماڻهوءَ جي زبان ڏيئي، ظالمن ۽ جابرن جا ڏيل ٿو ڏکايان، مان انهن ماڻهن کان معذرت ٿو ڪريان جيڪي عام ماڻهوءَ جي زبان نٿا سمجهن مان ان کان بهتر ڪجهہ نٿو چئي سگهان.

ماڻهن جي اهڙي ريت خدمت ڪريو جيئن خدا جي ڪريو ٿا. خدا جي عبادت جيان ماڻهن جي عبادت بہ فرض آهي. اهي پيٺ بکيا ۽ ڏتڙيل انسان ئي اصل خدمت جي لائق آهن.

روزا نمازون ايءُ پڻ چڱو ڪم،
اهوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرين کي!!

*********************


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪم چي ها - جي هڪ تخليق
## بي بنياد افواھ

ڪئين ڏينهن اڳ ”سيول“ شهر ۾، هڪ خطرناڪ ۽ عجيب آواز ٻڌو ويو، ڪي ماڻهو ان قيامت جهڙي ڀيانڪ آواز ڪي ٻڌي ائين ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ لڳندا آهن، جيئن هوا جي تيز جهوٽي ۾، وڻ ۾ بينل سڪل پن ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ لڳندا آهن، اهو خطرناڪ آواز ماڻهن جي دلين ۾ ڏڪٽي ۽ ڏاڪوڙا وجهي ڇڏيندو آهي. آواز ٻڌي انهن جي بدن مان ٿڌو پگهر سر جيان نڪرڻ شروع ٿي ويندو آهي، حيرت ان ڳالهه جي آهي، تہ هي ماڻهو هئا جن جون تجوڙيون سون، چاندي ۽ ڏوڪڙن سان سٽيون پيون هونديون هيون، دولت جا درياءَ انهن جي گهرن مان ڦٽي نڪرندا هئا. ايتريقدر جو جيڪو کجهہ اوڳاڇيندا هئا سو بہ سون ۽ چانديءَ جي صورت ۾ نڪرندو هئن.

ڪونگ......!!

هي هيو اهو آواز، پر هي ڪنهنجو آواز هيو؟ ڇا جو آواز هيو؟ ڪهڙي قسم جي جانور جو آواز هئو يا اهو ڳوڙهن آٽيندڙ بمن جي ڦاٽڻ جو آواز هئو. يا ماڻهن مٿان اڇلايل بمن جو !!

نہ.... ڪونگ......!!

ڇا اهو ڪنهن جنگ ڇڙڻ جو آواز هئو. يا ائٽم بم جي ڦاٽڻ جو يا جاپان جي بادشاهہ هيرو هيٽو جي پيٽ ۾ پوريل هوا جي خارج ٿيڻ جو آواز هئو.....

نہ.......!

ڇا اهو آمريڪي صدر نڪسن جي ڏٻرن وجودن مٿان ايٽمي پيرن سان لنگهي وڃڻ جو آواز هئو. جيڪو ٿلهي نڪ وارن آمريڪن جي ”پيڪنگ“ ۾ پيرن رکڻ وقت، چينين طرفان انهن جو آڌرياءُ ڪرڻ وقت اپريو هئو!!

نہ.....!!

پوءِ آخرڪار هي ڪهڙو آواز هئو.

”ڪونگ......!!“ غور سان ٻڌو، ڪونگ.....!!“ ڏسو ٻيهر آواز آيو،

”ڪونگ......ڪ......و......نگ......!!

ماڻهوئڙو.....!! ٻڌو، آءٌ ٿو اوهان ڪي ٻڌايان، هي آواز ڪٿان ٿو اچي، هي اواز نہ روس مان آيو آهي، نہ آمريڪا مان آيو اهي، نہ چين مان، نہ جاپان مان، پر هي آواز ڪوريا جي ڳوٺن مان روشن سج جو روپ ڌري اپريو آهي. ڳاڙهاڻ مائل رنگ جي روپ ۾!!


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سيول جي جهڳين ۽ جهوپڙين مان، جتي مرڪندڙ جيون جي مٽي، هوائن جي آڌار تي اڏامي ٿي، ۽ جيڪڏهن اجان به ٿورو اڳيرو ٿيو ته اتي هڪ گندو نالو آهي جنهن جو پاڻي ڪوئلي جي رنگ ڪان به وڌيڪ ڪارو آهي، ۽ سڙيل پاڻيءَ جي بدبوءِ هوا کي به بدبوءِدار بڻائي رهي آهي. ان گندي نالي جي ڪناري ۽ ڪنڌيءَ مٿان تمام پري تائين بانس جون جهوپڙيون نهيل آهن. جيڪي هڪ ٻئي سان ائين ڳنڍيل آهن جيئن قطارن ۾ هلندڙ ڪونجڙيون....... ڪنڌيءَ مٿان جوڙيل جهڳين جي وڏن وڏن لڪڙن سان جڏهن تيز گهلندڙ هوائن جو ٽڪراءُ ٿيندو آهي ته ان مان عجيب قسم جي موسيقي جنم وٺندي آهي، آزاديءَ جي موسيقي.

نڪما..... پڻ شهر جي ان حصي ۾ ئي رهندو آهي، هو پڻ ڳوٺ ڪان ان اميد سان آيو آهي، ته شهر شايد هن کي پيٽ گذر لاءِ ڪونه ڪو ڌنڌو ڌاڙي ملي وڃي. هو ڏڱي جيان ڪمائتو، ڪوئي جهڙو ڊڄڻو ۽ رڍ جهڙو پوئلڳ هئو.

هو ڏاڍو اٽجاڻ، سڌو سادو ماڻهو هئو. جيڪو لاشعوري طور ملڪي قانون ڪان واقف هئڻ بغير پر امن سان زندگي گهارڻ پسند ڪندو هئو. هن ويچاري غريب جي ڪابه سٺا ۽ سوچ ڪارائتي ثابت نه ٿي، ڪڏهن ڪڏهن اميد جا ڪرڻا ڏسبا هئا ته ڪڏهن انڌيرو ڇائنجي ويندو هو. بين جي حالت ته سڌرندي پئي وئي پر هن ويچاري جا ته ڏينهن ئي نه بدليا......!!

نه عشق، نه شادي، نه گهر، نه ٻار، هن هر جڳهه گهمي ڦري نوڪريءَ جي تلاش ڪئي پر ناڪام رهيو چو ته هن هميشه پنهنجي قسمت ۽ مقدر تي ڀاڙيو  پر جيترو هو قسمت پرست هيو ته قسمت اوترو سندس ساٿ نه ڏنو. ڏينهن گذرندا رهيا پر ڪنهن به هن جي پوئواري ۽ پنيرائي نه ڪئي. ڪنهن به هن جي جيون کي پناه نه ڏني، هن جي نه ڪوئي ڪا ڄاڻ سڃاڻ هئي ۽ نه ئي هن وٽ پئسو ڏوڪڙ هيو جيڪو ڏئي ڪم وٺي. هن روئڻ چاهيو پر اکين ان جو ساٿ نه ڏنو. هن غصي ۽ ڪاوڙ ۾ گاريون ڏيڻ چاهيون پر سڀ اجايون ۽ بيڪار هيون.

هن پاڻ کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي پنهنجي وجود کي وڻ ۾ ٽنگي خودڪشي ڪرڻ چاهي، پر هن کي نه ئي ڪو وڻ نظر آيو ۽ نه ئي ڪو رسو مليو. هن ڪوئلي جو ڪارو زهريلو دونهون (ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ) سنگهي مرڻ تي چاهيو، پر دريءَ ۾ لڳل سيني ڪاغذن ۾ سوراخ نڪتل هئا. هن سوچيو ته چو نه سستو شراب وٺي ان ۾ زهر ملائي پي وڃي ۽ پنهنجو انت آڻي پر هن وٽ نه ته شراب خريد ڪرڻ لاءِ ڪو پئسو هئو ۽ نه ئي زهر خريد ڪرڻ لاءِ.

جيون جي رولڻ ۽ پريشانين جي ڪري هن کي هڪ گهڙي پلڪ ۽ هڪ لمحي لاءِ آرام نه مليو، ڪڏهن به هو پنهنجن پيرن تي سڌو بيهي نه سگهيو ، پيچ ڊڪ ڪندو رهيو،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪڏهن اوپر تہ ڪڏهن ڏکڻ کان اتر ۽ ڪڏهن اولهہ کان اوڀر، ڪڏهن اتر کان ڏکڻ تہ........ جتي هن ڏهہ ودن (ڏهہ روپيہ) پئي ڪمايا اتي هن کان سؤ ودن (سؤ روپيہ) ورتا ٿي ويا، هيڪوڻ ٿي ڪمائي ۽ ڏهوڻ تي خرچ هن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. اگر هن سؤ روپيہ پئي ڪمايا تہ ان جڳهہ تي هن کي هزار روپيہ کپائڻا ٿي پيا، هر ڏينهن تي هن کي ستائڻ وارن جو تعداد وڌندو ٿي ويو. دوستيءَ کان وڌيڪ دشمني وڌندي ٿي ويس، ڪڏهن ڪنهن سرڪاري نوڪر تنگ ٿي ڪيس تہ ڪڏهن منيون منيون ڳالهيون ڪندڙ دوستن تنگ ٿي ڪيس، ڪڏهن ڪلهي تي الف جو نشان اڪريل پوليس واري تنگ ٿي ڪيس تہ ڪڏهن ”م“ جو نشان چنبڙيل چندو گڏ ڪندڙن تنگ ٿي ڪيس، ڪڏهن ڪنهن بدمعاش ٿي تنگ ڪيس تہ ڪڏهن وري ڪنهن ڳنڍيچوڙ.

۽ هاڻي تہ ريل گاڏيءَ جي ڪرائي جيترا پئسا بہ هن وٽان ختم ٿي ويا هئا جيڪي هن وڏي حفاظت سان پاڻ وٽ سانديي ۽ بچائي رکيا هئائين.

آخر تنگ ٿي ڪري هن پاڻ کي هوم گارڊ ۾ ڀرتي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. هوڏانهن هر طرف ديوارن تي ڪٿي جاسوس تہ ڪٿي دشمن جا نعرا لکيل هئا هن چيو.

”مون کي ڀرتي ڪيو“

نہ تو کي ڀرتي نہ ٿو ڪري سگهجي.“

”چو نہ.....“

”ڀهريائين وار ڪترائي اچ“

”مون وٽ وارن ڪترائڻ جيترا پئسا ڪونهن.“

اهو سلسلو ائين هلندو رهيو.

”ڏوڪڙ- ڏوڪڙ- ڏوڪڙ.......!“

”بنا پئسي نہ جيون نہ موت.“

چانورن لاءِ ڏوڪڙ، پاٽيءَ لاءِ پئسا، بجليءَ لاءِ پئسا، جوتن لاءِ پئسا، ڪپڙن لٽن لاءِ پئسا، دوا، ڪوئلي، چانهن، اخبار سڀ لاءِ پئسا ۽ صرف پئسا، وار ڪترائڻ وهنجڻ، سگريٽ ڇڪڻ لاءِ بہ پئسا.......!!

هن سوٽي مل جي ڦاٽڪ جا چڪر ڪاٽيا، لوهہ رجائڻ واري فيڪٽريءَ ۾ ويو، سيڪورٽي آفيس جا دروازا کڙڪايا، پر وک وک تي ناڪامي سندس پاڇو بڻجي پيڇو ڪري رهي هئي. ڪڏهن ڪنهن جو سامان کڻايائين تہ ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جون ٺوڪريون ڍوئي پئسو ڪمايائين.......!!


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪ ڏينهن شام ٿي وئي هئي هو ٿڪو ٽٽو، ڪنهن تنها پڪيءَ جيان پنهنجي واهيري ڏانهن واپس وري رهيو هئو تہ اوچتو ئي هن جا قدم هڪ هنڌ ڌرتيءَ مٿان رڪجي ويا. ڌرتيءَ مٿان ڪاوڙ ۾ پنهنجا پير چنڊبيندي هن چيو.....

”هيءَ دنيا ڪيڏي نہ ڪتي آهي.“

هن جا اهي لفظ سندس زبان منجهان اجان نڪتا مس هئا تہ سندس جسم زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو، ڪنهن سرڪاري واني هن جي ٻانهن ۾ هٿڪڙيون پارائي گهلي آٽي عدالت آڏو بيهاريو.

جج چيو ”ڪهڙو ڏوهہ آهي هن جو....؟“

جواب مليو ”هن جو ڏوهہ.... هتي بيڏوهي ڌرتيءَ مٿان پير ڪاوڙ ۾ چنڊبيندي ڌرتيءَ کي ايذائيندي ڪوڙا افواهہ پکيڙي رهيو هئو.....!!“

جج چيو ”واقعي هيءُ تمام وڏو ڏوهہ آهي“

ڏوهيءَ جو وڏو ڏوهہ هي آهي تہ هن جا پير بيڏوهي ڌرتيءَ کي چهي رهيا هئا. ڌرتيءَ مٿان ڏوهيءَ جي پيرن جو وزن هئو. بک هيڻائپ ۽ ڪمزوري باوجود هو پنهنجي ٻنهي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو ۽ سوچڻ ۾ پنهنجو وقت وڃائي برباد ڪري رهيو هئو ۽ وڏي بيشرمي ۽ بي حيائيءَ سان بک وگهي، مٿي آسمان ڏانهن ڪنهن اميد سان ڏسي رهيو هئو، ۽ زور زور سان ٽڏا ساهہ ڪٽي رهيو هئو، ۽ پنهنجي حيثيت وساري وينو هئو، وڏي همٿ مردانگي ناٽ باٽ ۽ غور سان بينو هو. جڏهن تہ اهڙي طرح بيهڻ جو حق صرف هڪ طبقي کي آهي، ان طبقي ڪانسواءِ اهڙي ريت بيهڻ جو حق ٻئي ڪنهن بہ طبقي کي ناهي. ۽ ڏوهي اهڙي ريت بيهڻ جي لائق نہ هئو.

ڏوهي وڏي گستاخي ۽ ڪمينائپ سان ان قومي منصوبي کي بہ نظر انداز ڪري چڪو هئو تہ پيداوار وڌايو، ايڪسپورٽ ڪريو، هڪ گهڙي آرام ڪرڻ کان سواءِ ملڪ جي تعمير ۾ مصروف رهو. ڏوهي اهڙن بي بنياد، ڪوڙن ۽ هٽ نوڪين افواهن پکيڙڻ جي باري ۾ سوچي ۽ ويچاري رهيو هئو، جنهن منجهان ٻهراڙي ۽ ڳوٺن جا سادا سودا ۽ اٽپڙهيل ماڻهو گمراهہ ٿي سگهيا ٿي، ۽ انهن جي ذهنن جي بدلجڻ جو انديشو اٽٽر هئو، ان ڪري ئي هن کي عدالت آڏو آندو ويو آهي.

هن مجرم جو جرم هي آهي، تہ هو افواهن جي پکيڙڻ جو ارادو ڪري رهيو هئو. ملڪ جي بي حرمتي ڪرڻ جو جرم، پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بيحرمتي ڪرڻ جو جرم، هي امڪان پيدا ڪرڻ جو جرم تہ دنيا اسان جي ملڪ کي جانورن جو ملڪ خيال ڪرڻ لڳي، سرمائيداري واري ماحول ۾ وڳوڙ وجهڻ جو جرم، ملڪ اندر سماجي بدامني کي نپائڻ وڌائڻ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ سماجي بيچيني ڦهلائڻ جو جرم، عوام جي ذهنن ۾ وڳوڙ پيدا ڪرڻ جو جرم، غريب ماڻهن ڪي سندن حقن جي حمايت ۾ پڙڪائڻ جو جرم، زندگيءَ کان بيزار ٿيڻ جو جرم، پنهنجي ماضي، ريتن، رسمن، رواجن سان غفلت ڪرڻ جو جرم، دشمنن جي مدد ڪرڻ جو جرم، پنهنجي ڪيل ۽ چيل ڳالهه تي ڳنڍ ڏئي بيهڻ جو جرم، اقتدار پرست ٽولي خلاف مخالف ۽ برن خيالن ڪي ذهن ۾ ويهارڻ جو ڏوهه، ٽيلي پيٿي (اشتراڪ) جي ذريعي حڪومت خلاف هڪ گروهه ناهڻ جو ڏوهه، حڪومت خلاف سازش ڪرڻ جو ڏوهه، پنهنجي جڳهه تان نه هٽڻ جو ڏوهه، سوسائٽيءَ جي حفاظت ڪرڻ واري مخصوص قانونن جي پيچڪڙي ڪرڻ جو ڏوهه....ڏوهه.....ڏوهه....جرم.

عدالت ۾ ڏوهيءَ جي ڏوهن جي فهرست ٻڌي جج ميز تي مڪ هڻندي رڙ ڪئي "ڏوهه ثابت ٿي ويو....."

تنهنڪري قانون جي مطابق اعلان ڪيو ٿو وڃي ته عدالت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ "ڏوهيءَ جي جسم مٿان هڪ عدد سِر فورن ڌڙ کان ڌار ڪيو وڃي، جيڪو آئنده ڏوهي نه دماغ سان سوچي سگهي ۽ نه ئي زبان سان بي بنياد افواهه ڦهلائي سگهي.

۽ ڏوهيءَ جي جسم مان ٻه عدد پير ٻه ٽنگن کان ڪپي ڌار ڪيا وڃن، جيئن هو ڌرتيءَ مٿان سڌو سنئون غرور هٺ ۽ وڏائيءَ سان نه بيهي سگهي. ۽ ان سان گڏوگڏ باغي مجرم جي نسل ڪي روڪڻ لاءِ نسل وڌائيدڙ عضوا ٻه سندس جسم کان ڪپي ڌار ڪيا وڃن، جيئن هو پاڻ جهڙي ڪنهن باغيءَ کي جنم ڏئي نه سگهي، چو ته ڏوهيءَ طرفان حڪومت خلاف مزاحمت جو وڏو خطرو موجود آهي. تنهن ڪري ان جا ٻئي هٿ سندس پنئين پاسي پنيءَ مٿان ٻڌا وڃن.

۽ ان جي پنيءَ تي پڳل چمڙي جي واسڪيٽ چڪي زور سان ٻڌي وڃي ۽ هن جي وات ۾ ڪو اهڙو اوزار زور سان وڌو وڃي جيئڻ هو زبان مان ڪنهن به قسم جو ڪو آواز ڪڍي نه سگهي.

۽ ان کان پوءِ هن کي پنج سؤ سالن لاءِ قيد ڪري قيد تنهائي ۾ رکيو وڃي جيئن ڪنهن سان به پنهنجو ڏک سور نه اوري سگهي.

نه.....نه.....!!"

"اڙي منهنجا نسلي عضوا ڪٽجي ويندا."

"اڙي منهنجو ڪنڌ ڪٽجي ويو."

"اڙي منهنجا پير ڪپجي ويا....."

"هٿڪڙيون، پڳل چمڙي جي واسڪيٽ ۽ وات بند."


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ ويچاري نڪمي کي قيد تنهائي ۾ وڌو ويو ۽ تالو بند ٿي ويو. تالي بند ٿيڻ جي آواز جو وڏو پڙاڏو ڏور تائين گونجندو رهيو. ۽ هڪ انسان جي قيد ٿيڻ جو احساس ڏياريندو رهيو. انسان، انسان جو ويري.....!!

مون سان هي سلوڪ ڇو ٿيو....؟؟

مون تہ پيٽ کي پٿر ٻڌي بک ۾ پاهه ٿيندو رهيس، ڪم ڪندو رهيس، مار ڪائيندو رهيس. ستايو ويندو رهيس، مگر مون احتجاج جو هڪ لفظ بہ زبان مان نہ ڪڍيو.

مون نہ آرام ڪيو هئو، نہ سکيو ستيو هوس، ۽ نہ ئي ٽڪ پڇڻ لاءِ ڪٿي ليٽيو هوس. پوءِ هنن مون سان هي سڀ ڪجهه ڇو ڪيو. مون ڪهڙو ڏوهه ۽ گناهه ڪيو هئو جنهنجي مون کي هيڏي وڏي سزا ڏني وئي آهي.

او مون جيان بڪايل ڳجهو ”توهان جيڪي آسمان ۾ اڏامي رهيون آهيو، ڇاڻو ٿيون مان ڇا محسوس ڪري رهيو آهيان.

ڇا توهان ٻڌائي سگهون ٿيون، تہ ماءُ پنهنجي جهريل جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري پنهنجي بي نور اکين سان منهنجي انتظار ۾ راهه نهاري رهي هوندي يا نہ.....!!

ڇا هوءَ لڪي لڪي روئي رهي آهي، ۽ سيول شهر ڏانهن ٽنگيل ڦاهي گهاٽ کي ڏسي رهي آهي. جنهن مٿان منهنجو وجود ٽنگيو ويندو ۽ مون کي ڦاسي ڏني ويندي.

”اي بڪايل ڳجهو منهنجي ماءُ کي چئجو تہ مان هڪ ڀيرو ضرور واپس ايندس. چاهي هي وحشي منهنجي جسم جا ڏهه هزار ٽڪرا ڇونہ ڪري ڇڏين.“

”مان هنن جيل جي ديوارن کي ٽوڙي ڇڏيندس، ڦاهي گهاٽ جي چوڌاري گڏ ٿيل تماشبينن جي جهڳٽي ۽ ميڙ کي شڪست ڏئي ايندس.“

”چاهي مون کي پنهنجو روح شيطان هٿان وڪڻڻو ڇونہ پوي. اي امان، پڪ ڄاڻ مان ايندس ضرور ايندس.“

نڪمي ڳائڻ چاهيو پر هن جي زبان ڪٽي وئي هئي، زبان نہ هئڻ ڪري هو ڳائي نہ سگهيو.

هن روئڻ چاهيو پر ان کي تہ اکيون ئي ڪونہ هيون جيڪي روئي سگهن.

هن رڙيون ڪرڻ چاهيون پر ان کي تہ وات ۾ زبان ئي ڪان هئي سو بي آواز رڙ سندس وات ۾ ئي مري وئي. بنان آواز ۽ بنان لڙڪن جي هو زار قطار روئندو ۽ رڙيون ڪندو رهيو، سڄي سڄي رات سڄو سڄو ڏينهن اٿلندو پٿلندو رهيو، ۽ ديوار کان ديوار تائين ليٽڙيون پائيندو رهيو.

”ڪونگ.....!! ڪونگ.....!!“


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ پوءِ لڳاتار ڪونگ، ڪونگ، ڪونگ جو آواز هوائن ۾ ڦهلجندو ۽ وڌندو ويو، ۽ ٺجوڙين ۾ ڏاڪوڙا پئجي ويا.

۽ اهي طاقتور ماڻهو جن وٽ روپين جون ڳوٿريون ۽ سون ۽ چانديءَ جو ٺجوڙيون هيون ۽ جيڪي سون اوڳاڇيندا هئا. آواز ٻڌي ڏڪڻ لڳندا هئا. ۽ انهن جي ننڊ حرام ٿي ويندي هئي، ۽ ڊچ جي ڪري هنن جي وجودن مٿان ڪنبڻي جو احساس ٿيڻ لڳندو هئو.

هنن حڪم ڏنو ته نڪمي کي ماريو وجي،

پر پوءِ به آواز گونجندو هئو ۽ دلين ۾ ڌڙڪو پيدا ٿي ويندو هئو.

ها واقعي ئي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي.

هي آوز هاڻي به اچي ٿو.

ڏينهن رات، صبح شام.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته هي جنن ڀوتن جي شرارت آهي. ڪي چون ٿا ته هي ڪم نڪمي جو آهي.

جيڪو مئو ناهي پر جيئرو آهي.

۽ ديوار ڪان ديوار تائين ليٽڙيون پائي رهيو آهي، ۽ جيڪي ماڻهو هي چون ٿا انهن جي اکين مان الائي ڇو باهه جون چوچريون ۽ آڳ جا ألا نڪري رهيا اهن.

-------------------------------------


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# بوبي سينڊس

دنيا جي تاريخ ۾، جن عظيم شخصيتن، پنهنجي ديس ۽ ديس واسين لاءِ وڏي قرباني ڪان بہ منهن نہ موڙيو هجي، قوم ۽ وطن جي آزاديءَ جي خاطر پنهنجي وجود جي قرباني ڏيندي بہ نہ ڪيٻايو هجي، انهن عظيم ۽ مهان جوڌن مان آئرلينڊ ديس جي هڪ آئرش ريپبلڪ آرميءَ جو "**بوبي سينڊس**" بہ هڪ آهي، جنهن پنهنجي قوم جي راهن تي هلي موت کي زندگي جو روپ ڏنو. ۽ پنهنجي انفرادي موت کي، قوم جي اجتمائي زندگيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو.

اها هڪ واضع حقيقت آهي، تہ آزادي پنڻ سان نہ پر ڇنڻ سان ملندي آهي. پر موت جي آزادي رت ۽ جيون جي قرباني گهرندي اهي. سندس ستاويهہ سالن ۾ هن اهو ڪجهہ ماڻيو جيڪي ڪي فرد سؤ سالن جي زندگيءَ ۾ بہ نہ ماڻي سگهندا آهن. ۽ آئرش قوم بوبي سينڊس جي 66 ڏينهن واري جدوجهد ۾ اهو ڪجهہ ماڻيو، جيڪو ڪي قومون هزارين ورهين جي جدوجهد ۾ بہ نہ ماڻي سگهنديون آهن. جڏهن تہ آئرش قوم جو بنيادي مسئلو بہ اهو ساڳيو آهي جيڪو نندي ڪنڊ جي غلام قومن جو مسئلو آهي. ۽ جيڪو مسئلو انگريز بهادر ملڪن ۽ قومن جي ورهاست ۾ منجهايو. ڪي قومون اڄ بہ ان ورهاست جي پاداش ۾ پوڳي رهيون آهن، جيئن اسان جي قوم......!!

بوبي سينڊس اتر آئرلينڊ جي چونڊ ۾ برطانوي پارليامينٽ جو ميمبر پڻ چونڊيو ويو ۽ ان چونڊ ۾ هن پنهنجي مخالف اميدوار مسٽر ويسٽ کي 35 هزارن ووٽن جي اڪثريت سان شڪست ڏئي ميمبر بڻيو. ۽ برطانوي حڪومت هن کي پارليامينٽ بجاءِ جيل جو ميمبر بڻائي ڇڏيو. هن تي دهشتگرديءَ جو ڪوڙو الزام هڻي هٿيارن رکڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس هلائي چوڏهن سالن جي سزا ٻڌائي ڇڏي. بوبي سينڊس کي پارليامينٽ جي ميمبر جي حيثيت سان پارليامينٽ بجاءِ جيل اماڻڻ واري قدم ۽ عمل، دنيا آڏو برطانوي شهنشاهت جي پاڇي هيٺ پلجندڙ جمهوريت کي اگهاڙو ڪري اصل روپ ۾ نروار ڪيو.

۽ جڏهن پارليامينٽ جي ميمبر جي حيثيت سان بہ بوبي سينڊس ۽ ان جي ساٿين کي سياسي قيدي بجاءِ اخلاقي ڏوهاري ۽ اخلاقي قيدي جي حيثيت ڏني وئي، تڏهن هن ۽ هن جي ساٿين احتجاج طور بک هڙتال ڪري دنيا آڏو واضع ڪيو تہ جمهوريت ۽اخلاقي قدرن جا چيمپين ملڪ بہ هڪ انسان کي انسان جي حيثيت سان تسليم ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ڪونهن.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هنن دنيا آڏو برطانوي سامراج جي ننگي روپ ۾ نروار ڪندي ظاهري طرح هڪ نئڙو مطالبو ڪيو ته ”اسان کي سياسي قيديءَ جي حيثيت ڏني وڃي.“ ڇو ته هنن کي پڪ هئي ته سامراج هر سياسي عمل کي پنهنجي مفادن جي بنياد تي هلائيندو آهي. ۽ هنن آڏو ڪنهن غلام قوم جي فرد جي ڪابه حيثيت ۽ اهميت ڪانهي هوندي. بوبيءَ کي اها ڄاڻ هئي ته وڏا ملڪ ننڍن ملڪن جي آزاديءَ جي حمايت تڏهن ڪندا آهن جڏهن ننڍن ملڪن يا ننڍين قومن ۾ سندن وڏا مفاد لڪل هوندا آهن. بوبي سينڊس چيو ته ”اسان اوهان جا قيدي ضرور آهيون پر اسان اوهان جي نئڙن جيلن مان آزاديءَ جي خيرات ڪونه ٿا وٺون، پر اسان کي قيديءَ جي حيثيت سان ئي جيئڻ ڏيو. پر جڏهن اسان سياسي مخالفتن جي ڪري قيد ڪيا ويا آهيون ته ان سچ ۽ حقيقت کي مڃيندي اسان کي سياسي قيديءَ جو درجو ۽ حق ڏيو.“ بوبي سينڊس جي نظر ۾ اهو هڪ نئڙو ۽ جائز مطالبو هئو پر برطانوي شهنشاهت جي نظر ۾ اها هڪ وڏي سياسي شڪست هئي. برطانوي سامراج سوچيو ته ائين ڪرڻ سان انهن قيدين کي پنج وڏا فائدا ملندا. جيڪي هي آهن:

(1) انهن کي سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ تسليم ڪرڻو پئجي ويندو. جيڪو اسان جي لاءِ سياسي زندگي ۽ هنن لاءِ سياسي موت برابر آهي.

(2) جيل جي ڪپڙن بجاءِ انهن کي پنهنجا ڪپڙا پائڻا پوندا. ائين ڪرڻ سان جيل جي قيديءَ واري حيثيت ختم ٿي ويندي ۽ عام شهري واري حيثيت ملندي.

(3) سياسي قيديءَ جي حيثيت سان انهن کي پنهنجو پاڻ ۾ ملڻ جلڻ جي اجازت ملندي. ۽ پوءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ پنهنجن خيالن ويچارن کي جيل کان ٻاهر پهچائڻ جي آساني ٿيندي.

(4) سياسي قيدي جي حيثيت سان انهن کان ڪنهن به قسم جو جيل جو ڪم ڪار معاف هوندو، پوءِ سڄو وقت ڪنهن نه ڪنهن جدوجهد ۾ صرف ڪندا.

(5) سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ انهن کي عام قيدين سان ملڻ جلڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو هر حق حاصل هوندو، تي سگهي ٿو ته پوءِ هو ڪا بغاوت وغيره ڪرائي سگهن ٿا.

اهوئي سبب هئو جو برطانوي حڪومت هنن جي سياسي حيثيت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي قيدين کي قيدي مڃڻ کان ته انڪار ڪيو پر انسان مڃڻ کان به_!!


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

برطانوي حڪومت ڪافي ڪوشش ڪئي ته آءِ آر آي طرفان ڪامياب ٿيل هي واحد ميمبر بوبي سينڊس به برطانوي پارليامينٽ جو در نه ٽپي. متان حڪومت جا وڪا پٽرا ڪري. جڏهن بک هڙتال دوران بوبي سينڊس کي چيو ويو ته هو استعفيٰ پيش ڪري، تڏهن بوبي سينڊس وراڻيو ته، "مان اينڊڙ بي ٽي هفتا زنده آهيان. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي حق تان هٿ نه ڪڻندس. مان ٻئن هفتن لاءِ استعفيٰ نه ڏيندس، ٽي سگهي ٿو منهنجو موت به اوهان کي استعفيٰ نه ڏئي. منهنجو جيون يا موت پنهنجي حق تان ڪڏهن به هٿ نه ڪڻندا."

اها هڪ واضح حقيقت آهي ۽ دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جدوجهد جي ابتدا ۾، هر قومپرست تحريڪ جي اڳواڻن کي دهشت پسند، غنڊو ۽ ڏوهي ڪري پيش ڪيو ويندو آهي پر جڏهن به دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها ساڳي قوم تاريخ جي صفحن تي فتح جو نشان ناهي ظاهر ٿيندي آهي ته پوءِ ان کي وطن پرست ۽ محب وطن سڏيو ويندو آهي. اهو تاريخ جو سانحو آهي، جوته جڏهن زمبابوي (روڊيشيا) جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ رابرٽ موگابي ۽ جوشوا انڪومو جي گوريلا فوج دشمن تي حملا ڪندي غلاميءَ خلاف احتجاج ڪيو، تڏهن ڪين چاپا مار، غدار، دهشت پسند ۽ غنڊو ڪوٺيو ويو، پر جڏهن آزاديءَ وارو مرحلو سر تي اچي ڪڙڪيو جتي آزاديءَ ڏيڻ کان سواءِ ڪو چارو نه رهيو، تڏهن انهن ئي دهشت پسندن، غنڊن، غدارن کي الزام مڙهيندڙن ئي زمبابوي جي حڪمرانيءَ جون واڳون ڏنيون.

## آئرلينڊ جو مسئلو:

1800ع جي يونين ايڪٽ تحت آئرلينڊ کي برطانوي راڄ جي تحت برطانوي حڪومت جو هڪ حصو قرار ڏنو ويو هئو. ۽ ان ايڪٽ تحت برطانيه کي آئرلينڊ ۾ مڪمل عمل دخل حاصل ٿي ويو هئو. اڳتي هلندي 1920ع هڪ نئين ايڪٽ ذريعي برطانوي سامراج جي بالادستي کي برقرار رکندي اتر ۽ ڏکڻ آئرلينڊ ۾ برطانوي حڪومت پنهنجي حامي ماڻهن تي مشتمل هڪ هٿ نوڪي گڏيل حڪومت قائم ڪئي. جڏهن ته ڏکڻ آئرلينڊ ۾ ان بالادستي ۽ ڏاڍائيءَ خلاف شروعات کان وٺي ئي برطانيه جي سامراجي حڪومت کي سخت منهن ڏسڻو پيو هئو. اهڙي ريت 1920ع جي ايڪٽ هيٺ برطانوي حڪومت آئرلينڊ ۾ نيم خودمختيار سياسي ادارن جي پيڙهه رکي هئي. اتر آئرلينڊ ته ان


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فيصلي ڪي بي وسي ۽ هيٺائيءَ سان قبول ڪري ورتو پر ڏکڻ آئرلينڊ ان ڊانچي کي قبول ڪرڻ کان مڪمل نابري واري ۽ انڪار ڪندي پنهنجي مڪمل قومي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. اڳتي هلي ان ايڪٽ ۾ وڏيڪ ترميم ڪري اتر آئرلينڊ جي غلاميءَ وارن پنجوڙن کي وڏيڪ سوڙهو ڪندي، برطانوي حڪومت اترآئرلينڊ ۾ پنهنجي بالادستي کي برقرار رکيو. پر1931ع ۾ ڏکڻ آئرلينڊ کي 26 ڪائونٽين (ضلعن) تي مشتمل هڪ آزاد ۽ خودمختيار آئرش رياست قائم ڪئي ويئي. جنهن ڪري 1948ع ۾ آئرلينڊ جو هي حصو (ڏکڻ آئرلينڊ) جمهوريہ آئرش جي نالي سان دولت مشترڪہ کان ٻاهر رهي ڪري هڪ مڪمل آزاد ۽ خودمختيار جمهوريہ بڻجي ويو. جڏهن تہ گڏيل آئرلينڊ لاءِ اهو هڪ سانحو هئو. ۽ برطانوي سامراجي حڪومت جي چالبازي جنهن ۾ هو مڪمل طور ڪامياب ٿيا.

اترآئرلينڊ جي ڪل آبادي پندرنهن لکن تي مشتمل آهي. جنهن مان ڏهہ لک، لڳ ڀڳ اسڪاٽش يا انگريز نسل تي مشتمل آهن، جن کي مختلف هنڌن تان لڏائي اتر آئرلينڊ ۾ آباد ڪري اتان جي اصل رهاڪن کي ٿورائيءَ ۾ آڻڻ جي سازش سٽي وئي، ۽ انهن پناهگيرن جون وفاداريون ۽ همدرديون هميشہ کان وٺي برطانوي راڄ (حڪومت) سان رهيون آهن. انهن مان بہ اڪثريت پروٽسٽنٽ آهن جڏهن تہ 500000 آئرشي اقليتي مذهبي عقيدي جي لحاظ کان رومن ڪئٿولڪ آهن. جيڪي سڀ جا سڀ ريپبلڪن ازم ۾ يقين رکن ٿا. بہ سؤ ورهن کان وٺي آئرش قوم برطانوي سامراج جي خونخوار ۽ وحشي قانون جي پيرن هيٺان لتاڙجي رهي آهي. فوجي قوت ۽ ڏاڍ ذريعي سندن قومي آزاديءَ کي ختم ڪري پنهنجي ڪالوني بڻائي ڇڏيو آهي ۽ برطانوي سامراج پنهنجي ماضي واري نو آبادياتي پاليسي تحت آئرليند ۾ ڌرتي واسين کي ڌڪاري انهن جي جاءِ تي اسڪاٽش نسل جي وڏي اڪثريت کي آباد ڪري آئرش قوم کي ٿورائيءَ ۾ آڻي پنهنجي پراڻي اصول تحت حڪومت ڪري رهيا آهن. يعني ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو-!!

ان نوآبادياتي پاليسي خلاف، احتجاج ڪندي آئرش عوام پنهنجي قومي آزاديءَ جو نعرو هنيو ۽ جڏهن سندن تحريڪ شدت اختيار ڪئي. ان دوران آئرش ريپبلڪن آرمي جو وجود عمل آيو. ۽ 1918ع ۾ آءِ آر اي جو برطانوي پوليس سان پهريون هٿيار بند ٽڪراءُ ٿيو. ۽ پوءِ دوبدو عملي جوابن جو سلسلو شروع ٿي ويو. 1929ع ۾ فرقيوارانہ فساد شروع ٿيا جن جو سلسلو اڄ سوڌو هلندو پيو اچي. انهن فسادن ۽ هنگامن جو اصل گڙهہ لندن ڊيري ۽ بلفاسٽ وارا علائقا هئا، ۽ وسيع تر فساد بلفاسٽ جي ڪيٿولڪ علائقن ۾ ٿيو. انهن قتن فسادن جي نتيجي ۾ اتر آئرليند جي سياست ۾ لاقانونيت چڙواڳي ۽ ڀڃ ڊاهہ واريون ڪارروايون هڪ لازمي جز ۽ غالب عنصر جي حيثيت اختيار ڪري ويون. جنهن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي نتيجي ۾ آئرلينڊ جي ٻنهي حصن (اتر ۽ ڏکڻ آئرلينڊ) ۾ آءِ آر اي (آئرش ريپبلڪ آرمي) کي دهشت پسند قرار ڏئي ان تي پابندي عائد ڪئي وئي.

آئرش ريپبلڪ آرمي آئرلينڊ جي واحد تنظيم آهي، جيڪا اتي جي نئين ٿهي ۽ نوجوانن جي نظرياتي توڙي ذهني طور اڳواڻ ۽ پسنديده تنظيم آهي. ڇو ته اتان جي نوجوانن کي اهو احساس اهي ته غلام قوم ۽ غلام ملڪ لاءِ آزاديءَ کان سواءِ ڪو چارو ئي ناهي. تنهن ڪري جيڪا تنظيم قوم ۽ ديس لاءِ سوچڻ سان گڏوگڏ، ڪجهه عملي ميدان ۾ به سرگرم هوندي آهي ته شعور يافته ماڻهو هميشه ان تنظيم جي طاقت، جذبو وڌائڻ لاءِ ان جي هر ممڪن مدد ڪندا اهن ۽ اهو جذبو قوم جي هر فرد ۾ موجود هوندو آهي. آءِ آر اي جا ڪيترائي ڪارڪن اڄ به برطانوي جيلن ۾ قيدي آهن. جڏهن ته 1972ع کان 1976ع تائين هن تنظيم جي قيدي ڪارڪنن کي جيل ۾ سياسي قيديءَ جي حيثيت ڏني ويندي هئي. پر 1976ع کان پوءِ آءِ آر اي جي مڙني ڪارڪنن کي جيل ۾ اخلاقي ڏوهيءَ جي حيثيت ڏئي، انهن جي عمل کي روڪڻ ۽ جذبي کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ انهن سان غير اخلاقي برتاءُ ڪيو ۽ جيل جون سيئي سهولتون کسي ورتيون. ۽ آخرڪار بوبي سينڊس کان اڳ 1976ع ۾ جيل ۾ ان جدوجهد جو آغاز ڪيو ويو، جڏهن فرنيڪ اسٽينج نالي آءِ آر اي جي هڪ قيدي ڪارڪن انگلينڊ جي واڪ فيلڊ جيل ۾ 62 ڏينهن جي بک هڙتال ڪندي مري ويو. پر برطانوي سامراج کي انساني زندگيءَ کان وڌيڪ پنهنجي مفادن جي زندگي پياري هئي، تنهنڪري سامراج جي وجود تي جوںء به نه چُري، ۽ اڳتي هلي جڏهن بوبي سينڊس جي اڳواڻيءَ ۾ آءِ آر اي منظم ٿي ڪري سخت گير جدوجهد شروع ڪئي ته حڪومت انهن جي گرفتار ٿيل قيدين تي سختي شروع ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ بوبي سينڊس 1 مارچ 1981ع واري ڏينهن کان مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال جو اعلان ڪندي چيو ته "برطانوي سامراجي فوجون آئرلينڊ جي ڌرتي کي آزاد ڪن، ۽ اسان کي سياسي حق ملڻ کپن. جنهن مان مک مطالبو هي هئو ته اسان کي برطانوي جيلن ۾ سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو وڃي." پر برطانوي راڄ جي نقلي راڻي ۽ پهرين ۽ آخري ضدي عورت وزيراعظم مسز ٿيچر چيو "ڪو مرڻ چاهي ٿو ته مري وڃي، ان لاءِ مان ڇا ٿي ڪري سگهان پر مان ۽ منهنجي حڪومت آءِ آر اي جي ڪنهن به ڪارڪن کي سياسي حيثيت سان تسليم نه ڪندي." ۽ آخرڪار بوبي سينڊس 66 ڏينهن جي بک هڙتال بعد 5 مئي 1981ع تي بنان ڪائڻ پيئڻ جي مري ويو. جڏهن آخري ڏينهن ۾ سرڪاري ماڻهو ماني ۽ فروٽ جو جوس ڪٽي سندس آڏو رکندا هئا، تڏهن بوبي سينڊس چوندو هئو ته

**"منهنجي زندگيءَ جو مقصد آزادي آهي، ماني کائي جيئڻ نه،**


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## مان چاهيان ٿو تہ جيڪا ماني منهنجي آڏو رکي ٿي وڃي اها منهنجي قوم جي ڏتڙيل ۽ بکين ماڻهن آڏو رکي وڃي تہ بهتر ٿيندو.“

بوبي سينڊس پنهنجي حقيقي ۽ هميشہ واري زندگيءَ ڏانهن ويندي، بک هڙتالي قيديءَ جي حيثيت سان پنهنجي غلام قوم ۽ دنيا جي ٻين غلام قومن ڏانهن ”قيديءَ جي ڊائري“ جي روپ ۾ هڪ پيغام ڇڏي ويو آهي. اها ڊائري، بک هڙتال واري عرصي جي پهرين سترنهن ڏينهن جي آهي. جيڪا پني جي اٿهوند جي ڪري، ٽوائلٽ (ڪاڪوس) ۾ استعمال ٿيندڙ پني تي لکي وئي آهي ۽ جيڪا لکي هو پاڻ وٽ سانڍيندو ويندو هئو. ان ڊائريءَ جا ڪجھ ورق هيٺين ريت آهي.

### بوبي جي ڊائري ۽ شاعري

*پهريون ڏينهن : (1مارچ 1981ع) دوستن ۽ ڪٽنب جي ماڻهن وٽان گهڻائي ئي خط پهتا آهن. مون انهن منجهان رڳو هڪڙو پڙهيو آهي جيڪو امڙ موڪليو آهي ۽ مون کي ضرورت بہ ان جي هئي، هوءَ پنهنجي ويڙھ واري جذبي تي قائم آهي مان هاڻي خاموش آهيان.

*ٽيون ڏينهن : فادر ٽونر (جيل جو عملدار، جنهن تي بوبي سينڊس کي شڪ هو تہ اڳ ۾ هڪ شخص جي بک هڙتال ختم ڪرائڻ ۾ سندس هٿ هئو.) هو آيو ۽ مون تي نفسياتي اثر وجهڻ لڳو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن مان غلط آهيان تہ پوءِ افسوس اٿم، پر مان محسوس ٿو ڪريان تہ هو پاڻ غلطيءَ تي آهي. تنهنڪري مون اڄ رات هنجي هر ڪا ڳالھ رد ڪري ڇڏي، مان سمجهان ٿو تہ هو بہ سمجهي ويو“

*پنجون ڏينهن : ”ويلفيئر“ اطلاع موڪليو آهي تہ منهنجو والد بيمار ٿي پيو آهي ۽ کيس اسپتال نيو ويو آهي هن جو چوڻ آهي تہ پنهنجي آڪھ سان ملڻ لاءِ خاص اجازت وٺڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪريان. بابي جي بيماريءَ جو ٻڌي اڻ تڻ ٿي اٿم، پر وري هن جي اسپتال مان گهر موٽي اچڻ جو ٻڌي آٿت ٿيو اٿم. ڪجھ بہ ٿئي ڪائي ڳالھ ڪونهي مان بک هڙتال جاري رکندس، مقصد آڏو ڪنهن بہ وڏي مسئلي کي رڪاوٽ بڻجڻ نہ ڏيندس.

پارليامينٽ ۾ مون ”آٽڪنس“ جو بيان پڙهيو آهي (اترئين آئرلينڊ لاءِ پرڏيهي وزير جنهن قيدين واري تنازعي متعلق سرڪاري موقف کي ورجايو). ان تي مون ڳٽتي ڪانهي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ذهني طرح اهڙين ڳالهين لاءِ مان اڳ ئي تيار هئس، مون کي خبر آهي، ۽ انهن طرفان وڏيڪ خراب ڪرڻ جي توقع آهي.

”هر وقت جيڪو ڪاڏو منهنجي اڳيان رکيو آهي ان جي موجودگيءَ کي مان نظر انداز ڪري سگهان ٿو، پر منهنجي تہ خواهش آهي تہ اهي زردا پلاءَ مکڻ مانيون ۽ ماکيون ڪٽي اچلي ڇڏيان.“

”ان سان مون کي ڪوبہ نقصان نہ ٿو رسي، چاڪاڻ تہ مان چڱيءَ ريت سوچيان ٿو تہ انساني خوراڪ ماڻهوءَ کي هميشہ لاءِ حيات نہ ٿي رکي سگهي ۽ مان جڏهن پاڻ ۾ پيهي حقيقت بابت سوچيان ٿو تہ اهو احساس ٿو ٿئيم تہ **”حق تي هئڻ ٿورن ڏينهن جي جياپي کان گهٽو اتم آهي.“**

*مارچ جون جون هوائون ڏاڍيون ڪاوڙيل آهن ۽ مون کي ياد ڏياري رهيون آهن تہ سومر ڏينهن مان 27 سالن جي ڄمار جو ٿي ويندس“

*ڇهون ڏينهن : مان سوچيندو رهيو آهيان تہ ڪجھ ماڻهو، شايد گهٽا ماڻهو مون تي گهٽا الزام ٿا مڙهين تہ مان مان بک هڙتال ڪئي آهي، پر مون گهٽي ڪوشش ڪئي ڪئي آهي تہ معاملي کي ان حد تائين نہ پهچائجي هائو باقي پيش پوٽو ڪونهيم.

*”مان جهڙپ هٽندڙ پکيءَ کي پنهنجي مٿان گذرندي ٻڌي سگهان ٿو. هڪڙي اڪيلي ڪال ڪونڄ جهڙي اڪيلي ويڙهاند، پر منهنجا دوستو، هن رستي تي چڱيءَ طرح قدم ڪپائي سگهجي ٿو.

*ستون ڏينهن: ”اڄ برسات پئي پر مون کي ٽڏ ڪونہ ٿي لڳي، منهنجا جذبا چڱا ڀلا آهن مان اجان تائين ڪجھ سگريٽ پيان پيو.“

*نائون ڏينهن: اڄ منهنجو ڄمڻ ڏينهن آهي ۽ ٻارڙا منهنجي ڄمڻ ڏينهن تي خوشيون پيا ڪن. ٿورڙو ڳائن ۽ جهومن ٿا، هنن جي چوڻ تي مان ٿوري همت ڪري در تائين وڃان ٿو.

*ڏهون ڏينهن : اخبارن مون بابت لکيو آهي تہ مان پريشان ٿيندو پيو وڃان تہ، جيڪڏهن هو ان بک هڙتال کي شڪست ڏئي نہ سگهيا تہ پوءِ پنهنجي ڪپڙن پهرڻ جو حق ڏئي ڇڏيندا.

ان سان ڪو مسئلو نہ نبرندو. منهنجو خيال آهي تہ هو ڪنهن بہ حالت ۾ قيدين کي سياسي حيثيت ماڻيندي نہ ڏسندا، نہ ئي ان جهڙين حالتن گهارڻ جي اجازت ڏيندا.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

منهنجي ڪال ڪوٺڙي صاف ڪونهي پر برداشت ڪرڻ جهڙي آهي ۽ برداشت ڪري سگهجي ٿي پاڻي به لاڳيتو سخت ٿڌو آهي ۽ مان ٿڌ يا زڪام جو جوکم نه ڪڻندس."

*سترهون ڏينهن: اڄ سينٽ پيٽرڪ جو ڏينهن آهي. مان به (ان ڏينهن تي) ماڻهن سان هوندو هئس ۽ وار نهرائي ننديا ڪرائيندو هئس جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ خوبصورت لڳندا هئا. مان ان پادريءَ کي به ڪونه سجاڻان، جيڪو عبادت ڪرائيندو هئو. عبادت کان موٽڻ کان پوءِ ڪاڌو ملندو هو. هاڻي به هنن مون کي ڪاڌي جي پليٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ منهنجي وات جي اڳيان جهليائون ۽ پوءِ رکي هليا ويا. پر مان پنهنجي راهه تي هوس جنهن تان هٽڻ مون لاءِ هميشه جو موت آهي جيڪو مان نه قبوليندس، ۽ ان راهه تي هلڻ هميشه جي زندگي آهي. جنهن لاءِ مان جدوجهد پيو ڪريان.

اڄ مان بک هڙتال بابت سوچڻ لڳس ماڻهو جسم لاءِ گهڻو ڳالهائيندا آهن پر ان تي پروسو ڪونه هوندو اٿن. مان سمجهان ٿو ته هيءَ به هڪڙي قسم جي ويڙهه ضرور آهي.

پهرين ڳالهه ته هيءَ آهي ته جسم ڪاڌي جي کوٽ کي قبول نه ٿو ڪري ۽ ڪاڌي لاءِ هڃندو رهي ٿو. جسم ان جي موٽ ۾ ڪافي پختگيءَ سان وڙهي ٿو پر ڏينهن جي ختم ٿيڻ سان هرڪا شيءِ پنهنجي ويچار ڏانهن موٽي ٿي. ۽ اهو آهي ذهن، ذهن ڏاڍو اهم آهي.

هو مون کي پيچي پروڙي نه سگهندا، چاڪاڻ ته منهنجي دل ۾ آئرش قوم جي آزادي ۽ آزاديءَ جي خواهش موجود آهي. ۽ اهي هئا سندن جيل واري ڊائريءَ جا آخري لفظ.۽ لڳاتار بک سان وڙهندي بوبي سينڊس 66 ڏينهن تائين ڪاڌي کان سواءِ 5 مئي 1981ع تي گذاري ويو.

## بوبي سينڊس جي شاعري

- بڌو آهي ته.....!!

اسين جديد مهذب دور ۾ جيءُ رهيا آهيون.
اڄاسي جي تهذيب يافته ۽ ترقي يافته دور ۾،
پر نظرن جي مار تائين ڏور ڏسان ٿو،
ته مون کي نظر نه ٿيون اچن،
جديد دور جا جديد اذيت گاهه ۽ ڦاهي گاٽ،
۽ دوکي فريب جون مندون ۽ موسمون.....!!


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

- هن جديد دور ۾ ننيرا مکڙين جهڙا ٻارڙا،
سڏڪي سڏڪي روئي مري ٿا وڃن،
بک وگهي مانيءَ جي اميد ۾،
ٻکن ۾ مرندڙ انهن ٻارن لاءِ،
ڪير آهي جيڪو ڳوڙها ڳاڙي،
۽ دنيا وارن جي ستل ضمير کي جاڳائي،
ڪير آهي، جيڪو آواز اٿارڻ جي همت ڪري ۽ ٻرندڙ رات ۾،
نيپام بمن ۾ سڙيل اگهاڙيون نينگريون،
رڙيون واڪا ڪندي ڊوڙي رهيون آهن،
زندگيءَ جي پناهه گاهن ڏي، موت جي ڊپ کان!!

- جڏهن قاتل خوني ۽ وحشي آمر،
ڪرسيءَ سان چنبڙيا پيا هوندا آهن،
تڏهن مان ڏسندو آهيان ته جنگ جي ميدان ۾،
ننڍڙا معصوم ٻارڙا ويڙهه ۾ مرندڙ،
پنهنجي ماءُ پيءُ جي لاشن کي چنبڙيا پيا روئندا آهن،
يا وري پنهنجي والدين جون ماس پٽيل هڏيون،
پيا پوريندا دفن ڪندا آهن،
۽ موت جي ڀاڪر اونداهيءَ رات ۾، ڳجهي پوليس وارا،
اگهاڙين ۽ ننگين عورتن کي بجليءَ جي ڪرسين،
تي ويهاري انهن جون زندگيون نپوڙي ڇڏيندا آهن،

- گندي ناليءَ ۾ پيل ڪاري آفريڪيءَ جو لاش،
زندگيءَ کان مرحوم،
۽ جتي ڪارو تيل وهندو هو،
اتي گهٽيون ڳاڙهيون نظر اچي رهيون آهن،
تيل بجاءِ مظلوم ماڻهن جو رت وهيو آ شايد......!!
۽ هي اهو آهي،
جيڪو پيدا ٿيو جيئڻ لاءِ،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ديس جي زندگيءَ لاءِ،
جيئندو رهيو غلاميءَ ۾،
۽ آخر مري ويو آزاديءَ کان بنان_!!

- ۽ اڄ رات......!!

ڄڏهن حاڪم، دانشور، جوتشي ۽ ملڪن جا سربراهه،
پنهنجن چهرن مٿان مظلوم ماڻهن جي رت جا چنڊا سجائي،
پنهنجي منهن تي بدبوءِ دار خوشي،
۽ سڙيل مرڪ سجائي بيٺا آهن،
تڏهن ڪنهن قيد مان، تنها قيديءَ جي للڪار،
مٿل بادشاهن جي گنبذ ۾ گونجندي،
هڪ سهڻو ۽ روشن سج،
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ مان نڪري نروار ٿيندو،
نئين روشنيءَ سان، نئين شان سان،
آزاديءَ جو سج،
انقلاب جو سج-

---


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# پئبلو نرودا

پئبلو نرودا، چليءَ جهڙي غريب ترين ملڪ جي ڏاکڻي حصي جي هڪ شهر تموڪو ۾ پيدا ٿيو. هو ريلوي مزدور جي گهر ۾ 22 جولاءِ 1904ع تي پيدا ٿيو. سندس نالو ”رڪاردو نيفتالي ريز“ رکيو ويو، نرودا جو ننڍپڻ جوڀن ۽ جواني خوبصورتي ۽ سونهن جي گود ۾ گذريو. چليءَ جي ڏاکڻ ٻيلن ۾، جتي قدرتي حسن، سونهن ۽ سچائيءَ جا ساگر چوليون ڏيندا رهندا هئا، جتي فطرت جي مشاهدي سندس ڪچڙي ذهن تي اڻ مٽ نقش چڏيا ۽ چتر چٽيا، ورهن گذرڻ تائين سندن شاعري ۾ ماضيءَ جي يادن جا عڪس صاف ۽ چٽا نظر آيا. ماڻس هڪ اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي، جيڪا نرودا کي ٿن ورهن جي ڄمار ۾ سلهه وگهي اڪيلو ڇڏي وئي، جوانيءَ جا آثار سندس چهري تي نمايان ئي مس ٿيڻ لڳا هئا جو سندس پيءُ بہ هڪ ريلوي حادثي ۾ گذاري ويو، سورنهن سالن جي عمر ڏاڍي پرڪشش ۽ عاشق مزاج عمر ٿيندي آهي. ان عمر ۾ ماڻهو يا تہ ڪنهن کي پنهنجو ڪرڻ چاهيندو آهي يا تہ ڪنهن جو ٿي وڃڻ چاهيندو آهي. ۽ زندگيءَ جي ان سورنهن ڏاکي تان ڪرڻ جي صورت ۾ يا پار ٿيڻ جي صورت ۾ هر ڇوڪري يا ڇوڪريءَ لاءِ زندگيءَ جا اڻ مندائتا امتحان شروع ٿي ويندا آهن، زندگيءَ جي ان اسٽيج تي هر ماڻهوءَ جي ڇڪ جي قوت پرجي ويندي آهي. اسٽيج جي ان ڏاکي تي هو ”ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج“ ۾ داخل ٿيو جتان فرينچ ٻوليءَ ۾ سند (Certificate) مليس، نهايت ئي سنجيدو ۽ مانيٽو نرودا، انهن ڏينهن ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هئي. ها هر ماڻهو زندگيءَ جي پهرين امتحان ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ ئي شاعر بڻبو آهي، پاڻ ئي لکيائين.

’غريبن جي اولاد جي لاءِ زندگي ڏاڍي ڪٺن هئي، پر اهو دور مون لاءِ هڪ غريب جي حيثيت ۾ بہ ڏاڍو ولولہ انگيز هيو. ان دور ۾ ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هئم، مطالعو بہ ڏاڍو ڪندو هوس ۽ ان ئي دور ۾ دل بہ ڦرائي وينس.‘

پئبلو نرودا، جديد مارڪسي فلسفي جو بهترين ڄاڻو ۽ پارکو هئو. پر ان هوندي بہ هو هڪ وڏو قومپرست هو، اسپيني زبان (چليءَ جي قومي زبان) جو سڀ کان پهريون شاعر آهي جو ڏکڻ آمريڪا ۽ اسپين جي ادبي دنيا جي اڀ تي پوري اڌ صديءَ تائين سج جيان روشن رهيو، ڪو بہ ٻيو شاعر ان عظمت کي گهٽائي نہ سگهيو. شروع کان آخر تائين هو بين الاقوامي شخصيت جو مالڪ رهيو. اٺويهن ورهين جي ڄمار ۾ شاگرديءَ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

واري دور ۾ روس جي اشتراڪي انقلاب جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ اڻويهين صديءَ جي مشهور چيڪو سلاويڪي ڪهاڻيڪار جين نرودا (jan Naruda) متاثر ٿي پنهنجو نالو نرودا رکيائين. پئبلو سان مراد اهي ”حسين ۽ خوبصورت“ !

پئبلو نرودا کي ڪيترائي انعام مليا، 1905ع ۾ سندس بهترين شاعريءَ جي ڪري ”بين الاقوامي امن انعام“ ”International peace Prize“ مليو، ان سان گڏو گڏ ان ئي سال کيس ”لينن ۽ اسٽالن امن انعام“ ’Lenin and Stalin Peace Prize‘ مليو، 1965ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي طرفان ادب ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ”Doctor of Literature“ سان نوازيو ويو. جيتوڻيڪ هو مارڪس جي جديد سائنسي فلسفي جو پرچارڪ هئو، تنهن هوندي به هن چليءَ جي معيشت ۾ جڏهن ڌارين جي دخل اندازي کي محسوس ڪيو، تڏهن هن جي وجود اندر وينل قومپرستي جاڳي اٿي. هن چيو ڪنهن به ڌارئي ۽ ولائتي کي اسان جي ڌرتيءَ کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جو حق نٿو پهچي، جڏهن هن محسوس ڪيو ته چليءَ جو مزدور بک تو مري ۽ ٻاهريون ڌاريو مزدور عياشي ٿو ڪري تڏهن هن محسوس ڪيو ته قومون ڦرلٽ به ڪنديون آهن.

23- سالن جي عمر ۾ هو هڪ شاعر جي حيثيت سان مشهور ٿي ويو، سندس همت افزائيءَ لاءِ کيس سفارتي نمائندو (Consular) جو عهدو ڏنو ويو، ۽ ان بعد چليءَ جي سرڪار پڻ کيس سفارتي نمائندو بڻائي برما موڪلي ڇڏيو، جتي ميڊرڊ ۾ چليءَ جي قونصل جنرل جي حيثيت سان رهيو. 1924ع ۾ کيس اسپين موڪليو ويو جتي ”فيڊريڪو گارشيا لورڪا“ ۽ ”هرننديز“ ۽ ٻين اسپيني شاعرن سان سندس جاڻ سڃاڻ ۽ دوستي ٿي. 1936ع ۾ جنرل فرانڪو جي فوج خلاف اسپين ۾ گهرو لڙائيءَ جي ڪري لورڪا ۽ هرننديز ۽ ٻيا ڪيترائي سندس دوست مارجي ويا. هن کان سئو نه ٿيو. سفارتي نمائندي جي حيثيت سان پنهنجي ملڪ کي، اسپين جي جمهوريت پسندن جي حمايتي هئڻ جو اعلان ڪيائين. ان جو نهايت شديد ردعمل ٿيو. ان وقت جي چليءَ جي حڪومت کيس ان عهدي تان هٽائي واپس گهرايو. پئبلو کي ان ڳالهه جو ذرو به خيال نه ٿيو. هو پنهنجي ملڪ وڃڻ بدران پيرس ڏانهن روانو ٿي ويو. جتي هن اسپين جي ٻي گهر ٽيل سياسي پناهگيرن ۽ جمهوريت پرستن جي آمد ۽ نگراني جو انتظام ڪيو. ۽ ان دؤر ۾ هن اسپين جو گهرو لڙائي تي هڪ نظم ”اسپين منهنجي دل آهي“ Spain is my heart لکي.

1942ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ دوران جڏهن هٽلر جي فوجن اسٽالن گراڊ جي شهرين کي گهيري ۾ آڻي انهن جو قتل عام ڪيو ٿي ويو، ان وقت پئبلو نرودا ميڪسيڪو ۾ هو ۽ هڪ سفارتي عيوضي جي حيثيت سان رهيل هو، تڏهن به هن سفارتي آدابن کي انسانيت


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۽ انساني همدردي کان متاثر ٿي ان جي ٻاهرين انسانيت اي ترجمو ڪري، هن هڪ
حساس شاعر جي حيثيت ۾ ان ظلم کي نندي. انسانيت جي معاملن ۾ هن ظلم ۽ انصاف
مان ڪنهن به هڪ لفظ جي چونڊ پئي ڪئي، ۽ ظلم جي پيٽ ۾ هن هر مظلوم سان
انصاف پئي چاهيو ۽ ڪيو. ميڪسيڪو ۾ پڻ اسٽالن گراڊ ڏانهن منسوب ٿيل پنهنجو
نظم جيڪو هٽلر ۽ نازي ازم جي خلاف هڪ طويل نظم هئو، اهو ڇپائي ميڪسيڪو
جي ديوارن تي چنبڙايو. نظم جو ڪجهه حصو هيئن آهي.

”اي اسٽالن گراڊ.....!!

اسان تنهنجي ديوارن تائين نہ ٿا پهچي سگهون.

اسان تو وٽ نہ ٿا اچي سگهون، اسان تمام پري آهيون.

اي شعلن سان روشن شهر.....!!

تون اوستائين پنهنجو بچاءُ ڪر جيستائين اسان تو وٽ پهچي سگهون،

۽ اسان طوفان ۾ گهيريل انديز (آمريڪا جا اصل رهاڪو)،

تنهنجي ديوارن کي انهن سپوتن ۽ سورهن جي چمين سان ڇهي سگهون،

جي تو وٽ اچڻ جي خواهش ۽ اميد وچان تڙپي رهيون آهن“

پئبلو 1974ع ۾ چليءَ جي سينيٽ جو رڪن مقرر ٿيو، 1948ع ۾ چليءَ جي ڪابي
ڏر جو صدر گونزاليز وڊيلا (Gonzalez Videla) چوندن ۾ ڪٽڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي
نظريي تان ڦري ويو تڏهن پئبلو انهيءَ جي حڪومت جي خلاف آواز اٿاريو، جنهنڪري
حڪومت کيس ملڪ دشمن قرار ڏيئي، کيس هٿ ڪرڻ لاءِ انعام جو اعلان ڪيو.

نرودا نہ صرف شاعر جي حيثيت سان پر هڪ حق پرست ويڙهاڪ جي حيثيت سان
پنهنجي قوم جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. جيستائين جيئرو هئو، سامراج خلاف وڙهندو
رهيو، ۽ سامراج کان لاطيني آمريڪا جي آزاديءَ لاءِ مسلسل جنگ ڪندو رهيو. چليءَ ۾
ورهين تائين جمهوريت ۽ آمريت وچ ۾ جنگ هلندي رهي پر نرودا هڪ سپاهيءَ جيان
پنهنجي ديس ۽ قوم خاطر ان جنگي محاذ تي پنهنجي عوام جي ڏر رهيو. هو عملي طور
ان خيال جو حامي هئو تہ ”سياست انسان جو مقدر آهي، سياست کان انڪار ۽ ياج جي
دعوىٰ پڻ هڪ قسم جي بزدلانہ ۽ هيٺاٽپ واري سياست آهي.“

پئبلو نرودا، انتهائي گهٽ نثر تخليق ڪيو، سڄي زندگي هن پنهنجي خيالن ۽
سوچن کي نظم جي روپ ۾ عام ماڻهو جي ڏکن ۽ سورن سان ڳنڍيندو رهيو.

ايتريقدر جو نرودا اکرن ۽ لفظن جو جادوگر ڪوٺجڻ لڳو.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چليءَ جي رهاڪن کي چوڏاري سندس لفظ ۾ جملا متحرڪ ۽ چرندڙ پرندڙ محسوس ٿيا. ائين پئي محسوس ٿيندو هئو ڄڻ سندس گيتن کي زبان مليل آهي ۽ اهي گهٽيءَ گهٽيءَ ڳالهائيندا ٿا رهن، هن شاعريءَ ۾ روايتن کان بغاوت ڪئي. ۽ روايتي شاعريءَ کان تمام اڳيرو نڪري ويو. ماريو پراز چيو ”نرودا جي شاعري، شام جي وقت لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل پس منظر ۾، دف جي تال تي رقص ڪندڙ انقلاب جي ديويءَ جو سرمدي نغمو آهي.“ اسپيني شاعر، ناٽڪ نويس ۽ عظيم قلم ڪار فيڊريڪو گارشيا لورڪا هڪ ڀيري پئبلو جو ذڪر ڪندي چيو ”هن شاعر کي فلسفي کان وڌيڪ موت سان انس آهي، عقل ۽ فهم جي بدران موت کي ويجهو ٿو وڃي ۽ رت جي راند ڪيس مس کان وڌيڪ پسند آهي.“

پئبلو نرودا پاڻ به هڪ ڀيري پيرس ۾ تقرير ڪندي پنهنجي فن ۽ قلم کي قوم وارن سان ڳنڍڻ جو درس ڏنو. هن محسوس ڪرايو ته جنهن قلم ڪار جي قلم جو واسطو غلام ۽ مظلوم سان ناهي، جنهن قلم ڪار جي قلم جي مس جو ناتو آزاديءَ سان وڙهندڙ جوڌي جي رت ۽ پورهيت جي پگهر سان ناهي اهي قلم ڪار ۽ قلم بي زبان آهن، لاوارث آهن اجايا آهن. هن تقرير ڪندي چيو”جو ڪجهه انسانن جي بهتريءَ لاءِ لکي سگهجي ٿو اهو مان لکان ٿو، مان اهو ئي لکان ٿو جيڪو ڪجهه ڏسان ۽ محسوس ڪريان ٿو، ۽ شاعريءَ جي ايجاد کان مون کي خدا پناهه ڏيندو.“ عجيب اتفاق هي آهي ته نرودا زندگيءَ جو شاعر هو پر سندس شاعريءَ جو سڀ کان وڏو موضوع موت هئو.

نرودا ڪڏهن به پنهنجي سياست ۽ ساهت (شاعري) وچ ۾ ڪنهن ٿين شيءِ کي ديوار بڻجڻ نه ڏنو. سندس شخصيت ۽ وجود خود سياست ۽ شاعري وچ ۾ هڪ فولادي ديوار بڻيل هو. جنهن جي هڪ طرف سياست هئي ته ٻئي طرف شاعري. 1970ع ۾، جڏهن نرودا چليءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي صدارتي اميدوار جي حيثيت هڪ عام جلسي ۾ تقرير ڪندي هن چيو هو ته :

”مون پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ ڪڏهن به ان مسئلي تي ناهي سوچيو، ته مان پنهنجي جيون کي سياست ۽ شاعريءَ جي جڙتو ۽ هٽراڙو خانن ۾ ورهائي ڇڏيان، مان چليءَ جو ڄائو ۽ اتي جو ئي رهاڪو آهيان، چليءَ جو هڪ اهڙو پٽ، جنهن کي پنهنجي قومي وجود جي بدنصيبين ۽ ڏکاين ۽ دشوارين جي ڄاڻ رهي آهي، جنهن قوم جي هر ڏک، ۽ سک ۾ انهن ڀاڱي ڀائيواري ڪئي آهي، ان جو ساٿ ڏنو آهي، مان هنن لاءِ اڻ ڄاڻ ۽ اجنبي ناهيان، مان انهن منجهان ئي اهيان، مان قوم جو هڪ جز آهيان، منهنجو واسطو به چليءَ جي هڪ پورهيت گهراڻي سان آهي، ۽ مان ڪڏهن به حاڪم ٽولي جو ڀائيهن ٻيلي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ناهيان رهيو، ۽ نہ ئي اقتدار جو بکيو رهيو آهيان، مون پنهنجو نظريو پنهنجو مستقبل ۽ پنهنجو عمل ساعريءَ ذريعي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو آهي، چليءَ جي ماڻهن جي طرفداري ۽ خدمت ڪي مون هميشہ پنهنجو پيشو ۽ فرض ڄاتو آهي، مون انهن جا ئي گيت ڳاتا آهن ۽ انهن جي حفاظت لاءِ ئي زندهہ آهيان.“

1970ع ۾ صدارتي اميدوار جي حيثيت سان هڪ خوبصورت صحافي ڇوڪريءَ ريٽا گيوبرٽ، پئبلو نرودا کان سندس سياسي ۽ ادبي نظرين جي بنياد تي هڪ اهم انٽرويو ورتو. جڏهن هن نرودا کان پڇيو تہ جيڪڏهن اوهان کي صدارت جي عهدي يا نوبل انعام مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوي تہ اوهان ڪنهن جي چونڊ ڪندا.

نرودا چيو“مسئلو اهڙين غير حقيقي شين جي چونڊ جو ناهي” يعني هن ساهت (شاعريءَ) آڏو صدارت ۽ ڪنهن نوبل انعام کي غير حقيقي ڪوني ادب جي حقيقت کي اهم تسليم ڪيو. جڏهن نوجوان ڇوڪري ”ريٽا گيوبرٽ“ ٻيهر ڪانئس پڇيو تہ ”ڀلا فرض ڪريو تہ جنهن ميز تي اوهان ويٺل هجو ان ميز تي هڪ طرف صدارت جو عهدو رکيو وڃي ۽ ٻئي طرف نوبل انعام تہ.....؟؟“ نرودا ٺهہ پهہ ورانيو ”مان ان ميز تان اٿي ڪنهن ٻي ميز تي وڃي ويهندس.“ ۽ پوءِ آخر چليءَ جي مقبول ۽ مڃيل صدر ”ڊاڪٽر سلويڊار آئيندي“ جي حق ۾ صدارتي اميدواري تان هٿ ڪڍي ويو. جيڪي ڳالهيون اهو ظاهر ٿيون ڪن تہ پئبلو نرودا پنهنجي ذات ۽ شاعريءَ کي انهن مڙني شين کان عظيم، مهان ۽ مٿاهون ٿي سمجهيو. هن آڏو لوڀ لالچ ۽ خوشامد جي ڪابہ اهميت ۽ حيثيت ڪانہ هئي. هن جي شخصيت ۽ اڏولتا ڪنهن بہ لالچ آڏو جهڪڻ واري نہ هئي.

اسان جي سنڌي اديبن ۾ جيڪو وڏ نندائي ۽ پاڻ پڏائڻ واورو جيڪو رجحان آهي، اهڙو ساڳئي قسم وارو لاڙو چليءَ ۾ پڻ هئو. جڏهن نرودا جي ذات کي ذات آڏو ٻين اديبن جون تخليقون ۽ ذات ڪنهن بہ مقابلي واري حيثيت ۾ نہ اچي سگهيون تڏهن، اتي جي اديبن نرودا تي مختلف قسم جا الزام هڻڻ شروع ڪيا، ڇو تہ انهن نرودا کان اڳ لکڻ شروع ڪيو هو، پر پوءِ هن جي پيٺ ۾ غير اهم ۽ اجايو. تڏهن اديب چوڻ لڳا تہ ”ڏسو.....ڏسو هو (پئبلو) ڪيئن زندگي گهاري ٿو، سمنڊ جي ڪناري تي هن جو گهر آهي، ۽ هو اونچا شراب پئي ٿو.“

جڏهن 12 سيپٽمبر 1973ع تي چليءَ جي عوامي حڪومت، ڪابي ڏر جي نمائنده دنيا جي پهرين جمهوري طريقي سان چونڊيل مارڪسي حڪومت جي صدر 65 سالہ ڊاڪٽر سلويڊار آئيندي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. جنهن جي حق ۾ خود پئبلو نرودا صدارت جي عهدي تان هٿ ڪنيو هو. آئيندي فوجي ٽولي آڏو پيش پوڻ بجاءِ ۽ چليءَ جي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نئيڙي فوجي ٽورائي (اقليت) آڏو جهڪڻ بجاءِ زندگيءَ جو نذرانو ڏنو، ۽ ثابت ڪيو تہ جنهن جو ڪنڌ قوم آڏو جهڪي، ٿو ان جو ڪنڌ ڪنهن فوجي آڏو نہ ٿو جهڪي سگهي، جنهن جو ڪنڌ ڪنهن مظلوم آڏو جهڪي ٿو، ان جو ڪنڌ ڪڏهن بہ ڪنهن ظالم آڏو نہ جهڪندو. چو تہ سجدو صرف هڪ پيرو ڪنهن هڪ ئي قوت کي ڪبو آهي. مرندي وقت سندس اهي لفظ هئا تہ "مان قوم جي غدارن سان ڪڏهن بہ سوديبازي يا ناهہ ڪري نہ ٿو سگهان." ۽ آئيندي جي موت پئبلو نرودا کي ايترو تہ ڏک پهچايو، جو هو ڏکايل رهڻ لڳو. پر پئبلو نرودا جو موت پڻ هڪ وحشيانہ خوني حملي ۾ ٿيو، 24 سيپٽمبر 1973ع تي هيءَ خبر آئي تہ "اسپيني زبان (چليءَ جي قومي زبان) ۾ دنيا جو عظيم شاعر پئبلو نرودا سرطان وگهي مري ويو." اها تہ هئي سرڪاري خبر.... پر حقيقت ان جي ابتڙ هئي ان خبر بعد جڏهن ماڻهو سندس گهر پهچڻ لڳا، تڏهن سندس لاش ڊٺل ۽ تباهہ ٿيل گهر جي ويراني ۾ پيل هو. سندس لاش جي چوڌاري ڪئبن ۽ درين جا پڪل شيشا، قاتل تصويرون، ڪتاب، پنا ۽ آڳاٽي زماني جا ٿانوَ، چوڌاري وکريل پيا هئا، محسوس ائين پئي ٿيو تہ سندس گهر مٿان ڪنهن دستي بمن سان حملو ڪيو آهي، چو تہ سندس گهر ۾ سمهڻ واري ڪمري جي حالت ان ڳجهہ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو تہ "نرودا پنهنجي موت نہ بلڪ دستي بم جي استعمال ۾ مئو آهي." ۽ صدر آئيندي کان پوءِ فوجي حڪومت جو هي ٻيو سياسي قتل هو، چو تہ فوجي جنتا سمجهي پئي تہ پئبلو نرودا صدر آئيندي جو گهاٽو دوست ۽ ڪابي ڏر جو مجيل اڳواڻ هئو جيڪو مستقبل ۾ سندن حڪومت لاءِ هاجيڪار ٿي سگهيو ٿي.

## پئبلو نرودا جي شاعري

اڄ 24 سيپٽمبر آهي، يعني پئبلو نرودا جي ڏهين ورسي، مون کي پڪ آهي تہ چليءَ ۾ اڄ سندس ورسي شايان شان نموني عقيدت سان ملهائجي رهي هوندي، چو تہ نرودا اڪيلو ناهي. مان هتي ويهي سندس تي هي مضمون لکي، ڪيس عقيدت جا گل پيش ڪري رهيو آهيان، جيئن مان بہ نرودا جي مظلوم پوئنرن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي سندن ڏک ۾ شامل ٿي سگهان، چو تہ نرودا چليءَ جي سورهہ ماڻهن جي رت ۾ پورهيت


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ماڻهن جي پگهر ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪري شاعري تخليق ڪئي، هو چليءَ جي قوم جي زبان ۽ دل جو ڌڙڪو هو. سندس پوري زندگي مظلوم ۽ غلام ماڻهن ۽ قومن جي حق ۾، ظالمن سان وڙهندي گذري، ۽ دنيا ۾ اڄ به ڪيتريون قومون غلام ۽ ماڻهو مظلوم آهن. "تيستائين پئبلو نرودا زنده رهندو، جيستائين هن مظلوم ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ مٿان غلامي ۽ ظلم جو تصور موجود آهي."

## خوشين جي ورهاست

مان پنهنجي جيون جا هڙئي ڏک درد،
هن حياتيءَ لاءِ ڇڏيون ٿو وڃان،
پر مان هينئر پنهنجي ماضيءَ جي پيڙائن دکن ۽ دردن کي وساري چڪو آهيان،
۽ هيئنر مون کي اها به ڄاڻ ناهي ، ته مون انهن کي ڪٿي وڃايو،
جيڪڏهن مون انهن کي جهنگل ۾ ڏٺو،
ته اهي انگورن جي وڻ تي چڙهندڙ انگوري جانور جيان پسنديون،
جيڪي ان جي پنن سان گڏ مٿي اپرندا آهن،
۽ اتي وڃي ختم ٿيندا، جتي تون ختم ٿيندينءَ
تنهنجي ڪنڌ ۾ يا هوائن جي ڪنڌ ۾،
جيڪڏهن اهي ٻيهر نه اپرندا،
ته توکي ٻيءَ بهار جي روپ ۾،
ٻيهر اچڻو پوندو.!!

## پاچا ۽ سپنا

اسان سڀئي هڪ ئي ماءُ (ڌرتيءَ) جا ڄاوا آهيون،
ساڳيو ئي حال انگورن جي پوک جو آهي،
يه انگور جا داڻا.....يعني،
ڳاڙهي رنگ جو ۽ اڇي رنگ جو،
زندگيءَ جو سچو حسن ۽ سچي خوبصورتي،


Kutab KhanoWhatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

اهو ئي ڳاڙهو رنگ ۽ اڇو رنگ آهي،
جيڪو ظاهر آهي، اهو به ڇٽو ناهي،
هر شيءِ ڌرتي ۽ مٽي به ناهي،
پاڇا ۽ سپنا سڀ منهنجي ملڪيت آهن،
Explanation"سمجهاڻي نظم ۾ پئبلو نرودا لکيو"
"تون پڇندين ءَ.....!! گلاب جي ڳاڙهن گلن جون قطارون ڪٿي آهن،
ماورائيت، "Metaphysics" ڳاڙهن گلن جي پنکڙين ۾ ڪٿي لڪل آهي،
ڪٿي آهي، اها برسات جو ڪن ڪن ۾ لفظن ۽ پکين کي هڪ هڪ ڪري ٻاهر ڪڍندي رهي آهي.
مان تو توکي پنهنجي جيون ڪهاڻي ٻڌايان،
انهن منهنجي گهر کي گلن جو گهر چيو هئو،
۽ برابر "جيرانيس" "Geraniums" گل ٽڙيا بينا آهن،
منهنجو گهر گلن جو پناهه گاهه هئو،
جن ۾ ڪلندڙ ٻارڙا ۽ ڊڪندڙ (پاليل) ڪتا هئا،
مراقشي، فوجي دستا، ۽ هوائي جهاز وني،
موت جا سوداگر آيا،
انهن قاتلن سان گڏ اتي پادري به هئا،
جي ڪين آشيرواد ڏيڻ آيا هئا،
۽ رستي تي ٻارڙن جو رت ائين وهڻ لڳو،
جيئن هميشه ڪان وهندو آيو آهي."

(مرڻ کان اڳ پئبلو نرودا سامراجين جي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف نفرت جو اظهار پنهنجي آخري نظم ۾ ڪيو، جيڪو هن پنهنجي موت کان ڪجهه ڏينهن اڳ لکيو)

"اڄوڪي سيپٽمبر73ع جي تلخ ڏينهن ۾.
تاريخ جي سيني خونخوار ۽ وحشي مروئن گڏجي،
اسان جي قومي جهنڊي کي ڌرتيءَ مٿان ڪيرائي وڌو آهي،
تو ڪيترو بي ڏوهي انسانن جو رت وهايو آهي،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تون جو پنهنجي جاگيردار مالڪن جي ٽڪرن تي پلجي تلهو متارو ٿيو آهين،
تون اهو فورو لٽيرو ۽ ڏاڙيل آهين، جنهنجو آخري نڪاڻو شيطاني دوزخ آهي،
تون هزارين پيرا فاحشہ جي جسم جيان خريديو ۽ وڪيو ويو آهين،
تو ڪي نيويارڪ جي وحشي بگهڙن پنهنجن جو قاتل بڻائي مڪو آهي،
توهان جا هٿ، پنهنجي ئي ديش واسين جي رت ۾ ٻڏل آهن،
ٽڪرن جا بکيئو...... ۽ هوا جا عصمت فروش سوداگر......!!
بي رحم قاتل ڪاسائيو.....!!
بي اصول ظالمن جي ٽولي جا ساٿاريو،
توهان جي جيون جو مقصد،
بي ڏوهي ماڻهن کي اذيتون ۽ بک ڏئي مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ ناهي!!

## تنهنجو چهرو

تنهنجا نيڻ اتر ڪان اتر ڏانهن،
ڪنهن بهار جي مند ۾ ٽڙندڙ مڪڙيءَ جيان ٽڙن ٿا،
تنهنجي بي بها مرڪ، تنهنجي ئي لبن جي اپ مٿان،
ڪنهن ويڳاڻي ۽ تنها چنڊ جيان اپري ٿي پوي،
تنهنجا آهستگيءَ سان ڪنيل قدم، مشڪل سان نظر اچن ٿا،
۽ سچ.....!! تنهنجي ڪاريهر جهڙن ڪارن زلفن مٿان،
ايرڻ کي خوشيءَ جي انتها سمجهي ٿو،
تنهنجو خوبصورت ۽ جسم......!!
سخت پر خوبصورت پٿر سان ٺهيل آهي،
جيئن منهنجو.......!!

## ٻارڙي جو غسل

هن ڌرتيءَ مٿان قديم ۽ آڳاٽي محبت،
ٻارڙن جي جسمن کي وهنجاري سهنجاري،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سينڌ ڪيندي، ڦٽي ڏيندي،
محبت هن جي پيرن ۽ ڳوڏن کي سڌو ڪندي،
غير متحرڪ وجود ۾ تحرڪ پيدا ڪندي،
صابڻ ۽ پاڻي هن جي جسم جو مير ڌوئي ٿو،
۽ هڪ معصوم ٻارڙي جو جسم،
ماڪ ڀنل مکڙيءَ جيان مهڪي ٿو،
۽ ٻارڙو مامتا جي هوائن ۾ ساهه کڻڻ لاءِ متي اتي ٿو اوهه.....!!
ڪيڏي پيار ۽ پاٻوهه ۾ شديد نگهداري هيٺ پلجي ٿو،
ننڍڙو ۽ خوبصورت معصوم ٻار،
خوبصورت نظرن جو فريب،
۽ بي جان جدوجهد......!!

## مقدس محبت

ٻارش منهنجي ڀنل ڪنهن مقدس قبر جيان،
پنهنجي جهوني ۽ پراڻي ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾،
ڪنهن ڌارئي وحشي ۽ قاتل جي ڪوس گهر ۾،
ڌرتيءَ جي دلير ۽ سورهه جوڌن جي وهندڙ رت سان ڳوهيل مٽيءَ مان،
تنهنجو منهنجو چهرو ۽ جسم ٺهيو آهي،
ان قتل عام ۾ مري ويندڙ زندگي،
اڄ به آزاديءَ جا گيت الاپي ٿي،
پر تون، او منهنجي پياري........!!
تون جهنگل منجهه منهنجي لڪل خوشبوءِ جا سيئي خزانا،
کڻي واپس آئي آهين....!!
۽ تو جتان جتان منزل ڏانهن وڌندي،
ڪو پيچرو ۽ گس ناهيو آهي،
اهو ڪنهن پل صراط کان گهٽ ناهي،
ڌرتيءَ خاطر وڙهندڙ جوڌي کي،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

انعام ۾ مليل اپ ڏار تلوار جي ڌار جيان چمڪندڙ،
تو پنهنجي بي پناهہ محبت ۽ پيار،
منهنجي وجود ئي قبضو ڪيو آهي ۽ هينئر،
مان تنهنجي محبت ۽ پيار جي نظرن ۾،
نظر بند ۽ قيدي آهيان.

------------------------------------


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# هوچي منهه

ويٽنام جو، عظيم انقلابي اڳواڻ، غلام ملڪن جي آزادي چاهيندڙ آزاديءَ جو هيرو، سامراجيت جي موت جو پيغام آڻيندڙ رهبر ”هوچي منهه“ 19 مئي 1890ع تي ويٽنام جي صوبي ”نگي اين“ جي ضلعي ”نام دام“ جي ڳوٺ ”ڪم لي اين“ ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ ”نيون سنهه“ ماستر هو، پر تاريخ ۽ ادب ۾ ڊاڪٽريٽ ڪيل هئس. هوچي منهه جي والد سندس اصل نالو ”نگوين ٽيٽ ٿانهه“ رکيو پر انقلابي جدوجهد دوران هوچي منهه پندرنهن پيرا پنهنجو نالو بدلائي آزادي واري منزل ڪي ويجهو آندو ۽ سندس آخري هٿرادو نالو”هوچي منهه“ هئو، جنهن نالي سان اڄ دنيا ڪيس عظيم انقلابي ۽ آزادي پسند استاد جي حيثيت سان ڄاڻي سڃاڻي ٿي.

هوچي منهه غلاميءَ جي گهيري ۾ اکيون کوليون، ٻاٽ اونداهيءَ ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو بڻجي پيدا ٿيو. سندس جمڻ وقت سڄو ويٽنام، ڌارين فرانسيسي پرمارن جي ڪالوني بڻيل هو، سڄي ويٽنامي قوم، ڌارين قورن ۽ لٽيرن جي غلام بڻيل هئي . چوڌاري ظلم جي ڪاري رات جي پهري ۽ گهيري ۾ مظلومن جون آهون ۽ دانهون گهٽجي ۽ ٻوساٽجي مري ختم ٿي ويون، پر ڪوبہ اهڙو حساس ماڻهو ڏيهہ ۾ ڪونہ هو، جو انهن مظلومن جون آهون ۽ دانهون ٻڌي انهن جي چڪيل چاڪن ۽ زخمن جي مرهم پٽي ڪري. 1911ع ۾ هوچي منهه ابتدائي تعليم دوران اهو درد ۽ ظلم محسوس ڪيو ۽ پڙهائيءَ ڪي ڇڏي، پنهنجي قوم جي آزادي ۽ ڇوٽڪاري لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو پڪو پهہ ڪيو،۽ پنهنجو پاڻ سان اهو وچن ڪيو تہ ”مرڻ گهڙيءَ تائين قوم جي آزاديءَ لاءِ جيئندو رهندو، آزاديءَ وارين راهن تي هلندي ڪڏهن بہ اڳتي وڌيل قدم پٺتي نہ هٽائيندو، پلي ان جي بدلي ۾ ڪيس پنهنجي جان قربان ڪرڻي ڇونہ پوي“ ان قومي قرلٽ، پرماريت ۽ ظلم ڪي محسوس ڪندي تعليم اڌ ۾ ڇڏي سائيگان جي هڪ مدرسي ۾ ملازمت ڪيائين، جتان جلد ئي هڪ فرانسيسي جهاز ۾ ”ڪيبن ٻواءِ“ جي حيثيت سان فرانس پهتو. اتي پهچندي ئي ملازمت ڇڏي ڏنائين ۽ مختلف موضوعن تي مطالعي ڪي جنبي ويو، جيئن پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ ڪا راهه تلاش ڪري سگهي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوچي منھ ان آتم ڏيھ بدري ”جلاوطني“ دوران يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ ويو. ۽ هن ڌارين ڦورن ۽ لٽيرن حاڪمن جي ذهني، سياسي، نفسياتي عمل تي ڪوجنا ڪري، آزاديءَ لاءِ ڪا واٽ ڳولي لهڻ لاءِ پاڻ ارپي ڇڏيو. ۽ ان قومي چوٽڪاري واري عمل ۾ اڪيلي سر پاڻ پتوڙيو ۽ ڪشالا ڪيا، قومي آزاديءَ لاءِ پنهنجو پاڻ مٿان ظلم ۽ جبر جيترو هوچي منھ ڪيو، شايد دنيا ۾ ڪنهن ٻئي اڳواڻ ايترو نہ پوڳيو. چوتہ هوچي منھ جو هڪ ئي وقت ٻن طاقتن سان ٽڪر هئو، هڪ ڌارين جي ڦورو طاقت سان ۽ ٻيو ان ڦر ۾ ساٿ ڏيندڙ پنهنجي قوم جو ٽولو، پر سندس آزاديءَ واري سياسي حڪمت عمليءَ ۾ ڪٿي بہ اهڙو وزندار مثال ڪونہ ٿو ملي، جتي هڪ ئي وقت ٻنهي طاقتن سان ٽڪر جو تصور ملندو هجي. هوچي منھ ان معاملي ۾ سياڻپ ۽ ڏاهپ جو سهارو ورتو.

جلاوطني دوران پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ هوچي منھ ذاتي طور ڪڏهن رستا ٻهاريا، ڪڏهن هوٽل تي بيرو بڻجي هوٽلن جا ٿانو ڌوتا، فرانس جي ڪيترن ئي مزدور تحريڪن جو ميمبر بڻجي ڪم ڪيو، پر هن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ اهي ويٽنام جي آزاديءَ سان ايترا سچا ناهن جيترو پنهنجن ننڍڙن ننڍڙن مفادن سان سچا هئا. هو فرانس جي سوشلسٽ پارٽيءَ جو ميمبر بہ بڻجي رهيو، صرف ان لاءِ تہ هو ڏسي تہ ڦورو ۽ لٽيرن وٽ آزاديءَ جو تصور ڪهڙو آهي، هو فرانس جي مزدورن جي هر جلسي ۾ موجود رهندو هئو. صرف ان ڪري تہ هو انهن ڌارين ڪي ويٽنام مٿان ڪرندڙ ظلم جي پهاڙن جو احساس ڏياري ۽ ان مقصد خاطر هوچي منھ فرانس ۾ ٿيندڙ هر جلسي ۾ تقرير دوران ويٽنام تي ٿيندڙ فرانسيسي ڦرلٽ ظلم ۽ ڏاڍ سان گڏ سرمائيدارانہ نظام واري استحصال ڪي موضوع بنائي ماڻهن ڪي ظلم، ڏاڍ ۽ غلاميءَ خلاف جدوجهد لاءِ پڙڪائيندو هئو، ۽ آزاديءَ سان جيئڻ ۽ آزاديءَ سان مرڻ واري حق جي ڳالھ ڪندوهئو. فرانس ۾ هن پنهنجو هٽرادو نالو ”نيون آئي ڪوڪ“ رکيو هئو.

هوچي منھ پيرس ۾ ئي هو جو 1917ع ۾ لينن جي اڳواڻيءَ ۾ روسي عوام جي سيلاب ۽ ٻوڏ جي ڪري زار شاهي جي وجود هيٺان اقتدار جو تختو نڪري ويو، ۽ ان انقلاب ئي هوچي منھ ڪي حقيقي آزاديءَ جي تصور سان متعارف ڪرايو، ۽ ان انقلاب ئي ويٽنام جي آزاديءَ واري تصور ڪي انقلابي نظريي سان هٿيار بند ڪري دشمن جي منهن مقابل ڪيو. 1931ع ۾ هوچي منھ ماسڪو پهتو، جتي هارين جي بين الاقوامي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو، ۽ ان جي انتظامي ڪميٽيءَ جو رڪن چونڊيو ويو. اتي رهي هن انقلاب جو ويجهڙائيءَ کان مطالعو ڪيو ۽ اتر جي مشهور سرڪاري اخبار”پراودا“ ۾ پڻ ڪيئي مضمون لکيائين. ان مضمونن ۾ اتي رهي انقلابي نظرياتي سوچ ۽ ويچارن سان مسلح تي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ويٽنام اندر هڪ انقلابي تنظيم بڻائڻ جو پڪو پهه ڪيائين ۽ پنهنجي ملڪ اندر ويهي فرانسيسي دشمنن خلاف آزاديءَ جي جنگ وڙهڻ لاءِ ذهني طور پاڻ کي تيار ڪيائين. ان کان ست سال اڳ يعني 1924ع ۾ ”لي ٿوي“ جي جڙتو نالي سان چين جي شهر ”ڪينٽن“ پهتو. هي شهر ويٽنام جي سرحد سان مليل هئو. ٽي سال هت گهارڻ کان پوءِ جڏهن ”چيانگ ڪائي شيڪ“جي فوجن، انقلابين خلاف ڪاروائي شروع ڪئي تہ 1927ع ۾ کيس بہ چين مان نڪرڻو پيو، ڇوتہ چين جي ڪائي شيڪ جي اوچتي انقلاب دشمن، فوجي ڪاروائي جي ڪري نہ صرف چينين کي وحشي ۽ غير انساني انتقامي ڪاروائين جو شڪار ٿيڻو پيو، پر ويٽنامي ڪميونسٽن کي بہ نشانو بڻايو ويو. هوچي منهہ چين کان روس ويو، جتان پوءِ بيلجيم، سئزرليند ۽ اٽليءَ مان ٿيندو ٿائيليند پهتو. فرانسيسي اختياريءَ وارا هوچي منهہ کي لاڳيتو ڳوليندا رهيا، پر ڪامياب نہ ٿيا، ۽ 1929ع ۾ ، سندس غير حاضريءَ جي هوندي بہ چائنا ۾ انقلابي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهہ ۾ کيس موت (ڦاسيءَ) جي سزا ٻڌائي وئي.

جڏهن هوچي منهہ، ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ ڌارين قوتن سان وڙهندڙ تنظيمن، ”هند چيني ڪميونسٽ پارٽي“ ”ويٽنام ڪميونسٽ پارٽي“ ”هند چيني ڪميونسٽ فيڊريشن“ وچ ۾ ڏڦيڙ ۽ اختلاف جي خبر ٻڌي، تڏهن ”هانگ ڪانگ“ پهچي، 3 فيبروري 1930ع تي ٽنهي پارٽين جو گڏيل اجلاس ڪوٺائي، پنهنجي سياسي سوچ تدبير ۽ ذهني صلاحيتن ذريعي ٽنهي تنظيمن جو سياسي نبيرو ڪري هڪ انقلابي پارٽي قائم ڪئي جنهن جو نالو ”ويٽنام ڪميونسٽ پارٽي“رکيو. پارٽيءَ جو آئين ۽ منشور هوچي منهہ خود جوڙيوهئو. هوچي منهہ هانگ ڪانگ ۾ ئي موجود هو جو”نهي تنهہ“ جي هارين فرانسيسي جابرن جي جبر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان تنگ ٿي، انهن خلاف منهن ٽوڙ تحريڪ شروع ڪئي. هارين سڄي سرڪاري ملڪيت کي تباهہ ڪري ڇڏيو، مگر ان تحريڪ هارين ۽ مزدورن کي نئون پيچرو ٻڌايو ۽ ٻنهي قوتن گڏجي انقلاب جو رستو ڳولي ڪڍيو. 1938ع کان 1940ع دوران هوچي منهہ ويٽنامي ماڻهن کي منظم ڪري مسلح جدوجهد لاءِ تيار ڪيو.

8 فيبروري 1941ع تي تقريبن 30 سالن بعد ”ڪيبن بواءِ“ جي حيثيت سان ملڪ مان پڄي ويندڙ ٻار هوچي منهہ جي نالي سان ويٽنامي انقلاب جي اڳواڻ ۽ رهبر جي حيثيت سان واپس وطن موٽيو. هن چين ۽ ويٽنام وچ ۾ ”ڪوئوبانگ“ صوبي جي ”پاڪنو“ پهاڙين وچ ۾ نهيل هڪ غار کي پنهنجي انقلابي مسلح جدوجهد جو مرڪز ۽ هيڊڪواٽر بڻايو، جلد ئي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس سڏايو ۽ جلد ئي آزاديءَ واري


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جدوجهد ڪندڙ پارٽيءَ ”ويٽ منهه“ قائم ڪئي، ڪميونسٽ پارٽي جي علحده حيثيت ڪي پڻ قائم رکيو، ۽ انهن ڏينهن ۾ ئي هوچي منهه ”ڏڪلپ“ جي نالي سان هڪ پارٽي اخبار ڪڍي.

پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي طرفان مسلح انقلاب جو فيصلو ٿيندي ئي هن قوم کي هڪ پيغام ڏيندي چيو ته ”مجاهدو آزاديءَ جو وقت ويجهو آهي اچو ته اسان گڏجي، متحد ٿي پنهنجي وجود جي ويري ”دشمن“ کي پنهنجي ڌرتي تان ڌڪي ٻاهر ڪيون.“ انهن ڏهاڙن ۾ ئي فوجي دستن جو قيام ۽ گوريلا جنگ جي تياري ۽ تربيت شروع ٿي وئي.

آگسٽ 1942ع ۾ چين ۾ رهندڙ ويٽنامين کي متحد ۽ منظم ڪرڻ لاءِ هوچي منهه چين پهتو، هتي پهچڻ شرط چيانگ ڪائي شيڪ جي پوليس ان کي گرفتار ڪري ورتو، گرفتاريءَ کان پوءِ هڪ سال تائين جيل ۾ رهيو. قيد دوران هن کي ارڙهن جيلن ۾ منتقل ڪيو ويو. هتي هن تي ظلم، تشدد ۽ ڏاڍ ڪيو ويو، هن کي ذهني عذاب ڏيڻ سان گڏ، نه مناسب خوراڪ ڏني وئي ۽ نه ئي مناسب ڪپڙا وغيره. ذهني عذابن ۽ اذيتن جي ڪري هو جوانيءَ ۾ ئي پوڙهو محسوس ٿيڻ لڳو، سندس وار سفيد ٿي ويا، ڏند ڀڄي پيا، پر هن جي آزاديءَ واري جذبي ۾ گهٽتائي نه آئي، هن جيل اندر پنهنجي ذهني پيڙائن کي گهٽائڻ خاطر شاعري شروع ڪئي ۽ شاعري ذريعي پنهجي ٻاهرين ساٿين ۽ انقلابي جدوجهد ۾ شامل ڪامريڊن کي ڳجها ۽ خفيا پيغام پهچائيندو رهيو، اهي نظم اڄ به (note Book from Prison) ”جيل جي ڊائري“ جي نالي سان ويٽنام ۾ موجود آهن، جيڪا انقلابي راهه ۾ روشن ڪرڻ لاءِ مشعل جي حيثيت رکي ٿي. 1943ع ۾ هن کي قيد مان آزادي ملي پر ڦورو ۽ استحصالي قوتن کان سندس قوم کي آزادي نه ملي سگهي. جيل کان نڪرڻ کان بعد هو ”ڪائو بانگ“ پهتو ۽ قوم کي انقلاب لاءِ تيار ڪيو.

مارچ 1945ع ۾ جاپانين، فرانسيسين کي غير مسلح ڪري سيئي اختيارات پاڻ سنڀالي ورتا، جڏهن ته ٻي ”جنگ عظيم“ يعني 1940ع ۾ ئي جاپاني، طاقت ذريعي ويٽنام ۾ داخل ٿي ويا هئا، جاپانين ٻي جنگ عظيم ۾ شڪست کان پوءِ فرانس اتحادين جي مدد سان جن ۾ آمريڪا سيني کان اڳيان هئو، ڏکڻ ويٽنام جي وڏي حصي مٿان قابض ٿي ويا، ۽ طاقت ذريعي سڄي ويٽنام تي قبضي لاءِ جنگ جي راهه اختيار ڪئي. هوچي منهه امن لاءِ پاڻ پتوڙيندي ڪيترائي ڀيرا امن لاءِ رڙيون ڪيون پر سندس رڙيون ڪنهن نه ٻڌيون. هو فرانسيسي انتظاميه سان امن جي ڳالهين لاءِ پيرس به ويو، پر حڪمران ٽولي سندس پارٽي کي طاقت ذريعي ختم ڪرڻ جي سٽا سٽي. آخرڪار هوچي منهه ٻيهر امن قائم ڪرڻ لاءِ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنهنجي قوم وٽ آيو، ۽ پنهنجي قوم کي ٻيهر ميدان جنگ ۾ ڪڏي ڪاهي پوڻ لاءِ پڪاريو. هن قوم ڏانهن هڪ پيغام موڪليو.

"آزادي تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪندس، آزادي هر شي کان مٿاهين آهي، اسان مري وينداسين پر غلامي قبول نہ ڪنداسين، اسان امن خاطر جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر آزاديءَ تي سوديبازي ڪرڻ لاءِ هر گز تيار ناهيون."

"سيئي مرد ۽ عورتون ڪنهن بہ مذهب سان تعلق رکندڙ هجن. ڪهڙي بہ علائقي جا هجن، ڪنهن بہ سياسي نظريي سان تعلق رکندڙ هجن، سيني کي سامراجين خلاف مڪمل جيت ۽ فتح تائين جنگ قائم ڪرڻي پوندي آخري فتح اسان جي هوندي."

ان اپيل تي سڄي قوم ميدان جنگ ڪاهي پئي، هر هنڌ، هر گلي هر ڳوٺ محاذ جنگ بڻجي ويو، ۽ دنيا هڪ ڀيرو ٻيهر ڏٺو تہ "آزاديءَ واري جذبي ، طاقت کي شڪست ڏني" جديد اسلحي سان ليس دنيا جي هڪ وڏي طاقت ۽ ان جي تربيت يافتہ فوج، صرف ديسي بندوقن، لٺين، ڏنڊن ۽ چرين آڏو جهڪي پئي،7مئي 1954ع تي فرانس جي جنرل بادي ڪاستريءَ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ٻي هٿيار جوڌن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. هٿيار ڦٽا ڪندي فرانس ڏکڻ جي قبايل حصن جو اقتدار آمريڪا جي پٺو "نگوزين زيئم" جي حوالي ڪيو.

اڳتي هلي فيبروري 1965ع ۽ اپريل 1965ع ۾ اتر ويٽنام مٿان آمريڪا هڪ موتمار حملو ڪري وحشيانہ بمباري ڪئي، جيئن هوچي منهہ ان حملي جي دٻاءَ ۾ اچي، ويٽنامي قوم جي غلاميءَ واري سوال تي آمريڪا سان سودي بازي وارو ناهہ ڪري، پر هوچي منهہ ان سازش جو منهن ٽوڙ جواب ڏيندي چيو "اسان کي امن سان محبت ضرور آهي پر اسان جنگين جا پاليل آهيون، اسان بمن جي بارش ۾ بانبڙا پائي وڏا ٿيا آهيون، اسان موت کي هر وک تي ساڻ ڪري آزاديءَ لاءِ وڙهيا آهيون، امن جو صرف هڪ ئي رستو آهي تہ آمريڪا ويٽنام مان نڪري وڃي، ڇوتہ ويٽنام، ويٽنامين جو آهي ۽ ويٽنامي ئي هن ڌرتيءَ جا وارث آهن، جيڪڏهن آمريڪا اسان جي حقن کي تسليم نہ ڪيو تہ اسان ڪانئس ميدان جنگ ۾ اهو حق مڃرائيندا سين." 1967ع تائين امريڪا طرفان


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

1700 ملين گولا، ۽ پنجاهه هزار ٽن بم ويٽنام جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن مٿان ڪيرايا، تڏهن به هو آزاديءَ جي سوال سان سچا رهيا، آزاديءَ تي ڪابه سودي بازي نه ڪيائون ۽ 1968- 69 تائين اٽڪل چوڏهن لک بم ويٽنام مٿان ڪيرايا. پر پوءِ هو به هڪ انچ به پنتي نه هٽيا.“

آخرڪار هوچي منهه، آمريڪا خلاف آزاديءَ جي جنگ ۾ مصروف هئو ته 79 ورهن جي عمر ۾ هن مٿان بيماريءَ حملو ڪيو. جيڪو انسان آمريڪا جي حملن آڏو پهاڙ جيان اٽل ۽ اڏول رهيو، اهو عظيم انسان آخرڪار 3 سيپٽمبر تي پنهنجي انقلابي ويٽنامي قوم کي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي، ميدان جنگ ۾ اڪيلو ڇڏي ويو. هن سڄي ڄمار انتهائي سادگي، سچائيءَ، سنجيدگيءَ سان گذاري، هميشه پيرن ۾ ربڙ جي چپل ، خاڪي پتلون ۽ جيڪيٽ هن جو مستقل لباس هئو، سادو ڪائيندو هئو، فرانس کان آزاديءَ کان بعد هن کي هڪ سرڪاري محل رهائش لاءِ ڏنو ويو جنهن کي سرڪاري تقريبن لاءِ وقف ڪري پاڻ هڪ ننڍڙي سرونٽ ڪواٽر ۾ رهڻ لڳو جنهن ۾ صرف به ڪمرا هئا.

هوچي منهه جو موت ڪنهن عام انسان جو موت نه هئو. هر ان شخص جو موت هئو، جيڪو هڪ قوم جي وجود جي علامت هئي. هڪ انقلاب جي تاريخ هو، سامراجيت جي وجود خلاف هڪ للڪار هئو.

# هوچي منهه جي شاعري

هوچي منهه جي هينئين شاعري 1942ع واري دور ۾ ٿيل آهي جڏهن چين جي ويٽنامين کي منظم ڪرن لاءِ چين پهتو. سرحد پار ڪندي ڪومنتانگ اختياري وارن هٿان جهلجي پيو، ۽ ڪيس چيانگ ڪائي شيڪ جي سرڪار مختلف جيلن ۾ رکيو، 14 مهينا جيل ۾ هو. هوچي منهه شاعر هئڻ سان گڏ هڪ سچو انقلابي، نظرياتي سياستڪار، ويٽنامي عوامي اڳواڻ ۽ بين الاقوامي اڳواڻ هو. هن پنهنجي شاعري ۾ فولاد پري، گيتن کي گوليون بڻائي دشمنن مٿان وسايو، جنهن هن کي دنيا جي انقلابين شخصيتن ۾ منفرد ۽ عظيم مقام ڏياريو.

هوچي منهه وڏهاڪ شاعر هئڻ سان گڏ هڪ عظيم آدرشي انسان پڻ هو. جنهن سڄي ڄمار امن سان محبت ،جنگ سان نفرت، آزاديءَ سان محبت ۽ غلاميءَ سان نفرت ڪئي. چين جي جيل ۾ شاعريءَ جي روپ ۾ ڊائري هيٺ سٽيءَ ۾ ڏجي ٿي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## غلاميءَ جي ڏينهن ۾.....

شعر چوڻ، منهنجي عادت تہ ڪونهي،
پر هتي جيل جي چوديواري اندر ان ڪان سواءِ ٻيو، ڪريان بہ ڇا؟
غلاميءَ جي هنن ڏينهن ۾، جڏهن منهنجو جسم، ٻانڌي ۽ ذهن آزاد آهي،
مان شاعري ڪندس،
۽ ان شاعريءَ کي سر سان ڳائيندس،
۽ آزاديءَ جي ڏينهن کي ويجهو، تمام ويجهو آڻيندس.

## منهنجو ضمير

گلوري گهٽيءَ ۾ مون کي ذليل ڪيو ويو آهي،
جيئن منهنجي اڳتي وڌندڙ قدمن کي روڪي سگهجي،
پنهنجي منزل ۽ مقصد ماڻڻ کان اڳ،
پر آءٌ پنهنجي منزل ۽ مقصد سان سچو آهيان،
آءٌ ايماندار آهيان، منهنجو ضمير صاف آهي،
پر ڪنهن بہ حقيقت کان سواءِ، ڪنهن بہ سچ کان سواءِ،
مون تي جاسوس هئڻ جو الزام مڙهيو ويو آهي.

## آزاد انسان.....!!

جيل جا پراڻا قيدي، نون قيدين جو آڌرڀاءُ پيا ڪن،
پراڻا ٻاندي نون ٻاندين کي ڀليڪار ڏئي رهيا آهن،
آڪاش ۾ پکين جيان آزاد اڏامندڙ اڃا ڪڪر،
ڪارن ڪکرن جي وجود ۾ لڪڻ جو سوچي رهيا آهن،
ڌرتيءَ تي آزاد انسانن جي جٿن کي زوريءَ غلام بڻايو پيو وڃي،
آزاد انسانن کي جيل ۾ ڌوڪيو پيو وڃي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## انسانُ، انسانَ جو دشمن........!

مان انسانن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ پيرين پيادو،
جهر جهنگ، گهٽيءَ گهٽيءَ گهميس، جبلن ۾ ويس،
مون کي خون خوار ۽ وحشي حيوان مليا، شينهن مليا، بگهڙ مليا،
جيڪي پنهنجي هم جنس جا ويري نہ هئا،
مان بہ انهن کان بچي نڪتس،
پر جڏهن انسان سان ملاقات ٿي،
تہ مون کي نظربند ڪيو ويو..!!
انسان، انسان جو ويري.....!!

## آزاد آسمان

ٻي بجي ڪوٺيءَ جو دروازو کلي ٿو،
ٻاهر گهمندي تازي هير (هوا) ڪنهن ماڙي سانهہ جيان،
اندر ڪوليءَ ۾ ڌوڪي اچي ٿي،
هر قيدي پنهنجو ڪنڌ اونچو ڪري اپ ڏي نهاري ٿو،
آزاد آسمان تي گهمندڙ ڦرندڙ آزاد ملائڪو!
اوهان کي ڪائي ڄاڻ آهي، تہ اوهان جا ساٿي،
۽ اوهان جا دوست، هتي بند ڪال ڪوٺرين ۾ سڙي رهيا آهن.

## اي ديش واسيو....!

اي ديس واسيو.....!!
پنهنجن گهرن ۾، اوهين آرڻ جي فصل لهڻ تي خوشيون ملهائي رهيا آهيو،
پر اسان قيدي آهيون، محدود ديوارن اندر قيد.....!!
۽ توهان جيڪي خوش آهيو،
قيد ۾ مصيبتن جي پيالن پيئڻ وارن کي بہ،


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ياد ڪندا رهجو......!!

## ذهن فولادي قوت.

سياري جي سردين ۾، سخت ۽ تيز هوا!
وڻن جي ٽارين ۽ ذهن تي سرديءَ جو خنجر هلائيندي آهي،
سياري جي سردي ۽ سختي ڪان سواءِ،
بهار جي گرمي ۽ ان جو لطف نہ ٿو اچي سگهي.
جيئن ڏُکن کانسواءِ، سُکن جي سُڌ نہ ٿي پوي.
مصيبتن مون کي سخت جان بڻائي ڇڏيو آهي،
۽ منهنجي ذهن کي فولاد جهڙو سخت ۽ طاقتور.....!!
بڻائي ڇڏيو آهي.

## ستارن جو قافلو

رات ڪاري ٻاٽ آ، پوئين پهر بہ....
پرهہ ڦٽي آ، ڪڪڙ دس ڏئي رهيا آهن،
رات اڃان ختم ناهي ٿي،
چنڊ، ستارن جي قافلي سان گڏجي،
ويران جبلن آڏو جهڪي رهيو آهي.

*****************************


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944